# پاڪستان ۾ جمهوري وفاقيت جو بحران
# ۽ قومي خودمختياري

(سنڌ ڪيس)

جامي چانديو

Center for Peace
& Civil Society
Creativity | Credibility | Commitment

سنڌ ڪيس سيريز

1

پاڪستان ۾ جمهوري وفاقيت جو بحران
۽ قومي خودمختياري

(سنڌ ڪيس)

جامي چانديو

CPCS

سينٽر فار پيس اينڊ سول سوسائٽي
B-98 قاسم نگر-قاسم آباد، حيدرآباد
Ph: +92-22-2904408, +92-22-2652401, Fax: +92-22-2652401

سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

19


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | پاڪستان ۾ جمهوري وفاقيت جو بحران ۽ قومي خودمختياري |
| موضوع: | سنڌ ڪيس |
| ليکڪ: | جامي چانڊيو |
| ڪمپوزنگ: | سليمان سميجو |
| سال: | آڪٽوبر 2009 ع |
| ڇپائيندڙ: | سي پي سي ايس |
| مُلھ: | پنجويھ روپيا |
| ڪُل صفحا : | چوھٺ |

**ڪتابن ملڻ جا هنڌ**

ٿامس اينڊ ٿامس بُڪ هائوس، ڪراچي- ڪاٺياواڙ بُڪ هائوس ڪراچي- سنڌيڪا ڪتاب گهر، حيدرآباد- ڀٽائي ڪتاب گهر، حيدرآباد- گلشن پبليڪيشن، حيدرآباد- فڪشن هائوس، حيدرآباد- رابيل ڪتاب گهر، لاڙڪاڻو - گل ڪتاب گهر، شڪارپور - جنيد ڪتاب گهر، دادو - سنڌيڪا ڪتاب گهر، سکر، مارئي ڪتاب گهر، سکر - مهراڻ ڪتاب گهر، ميرپورخاص - هلال ڪتاب گهر، ميرپورخاص، سنڌ بُڪ ڪلب، نوابشاهه.


All Rights Reserved


**Book Title:** Crisis of Democratic Federalism and National Autonomy in Pakistan
**Subject:** Sindh Case Series-1
**Authored by:** Jami Chandio
**Year:** October 2009
**Published by:** CPCS

سي پي سي ايس جي پبليڪيشن آفيسر منير چانڊيي ڇپائي پڌرو ڪيو.




# ارپنا

ڪامريڊ حيدر بخش جتوئيءَ
سائين جي ايم سيد
سائين محمد ابراهيم جويي
۽ سائين رسول بخش پليجي
جي نالي،
جن نه رڳو جديد سنڌ جي قومي شعور،
جي تشڪيل ڪئي،
پر جن جون سموريون حياتيون
سنڌ وطن ۽ ان جي عوام
جي قومي خودمختياريءَ لاءِ
فڪري، سياسي ۽ عملي جدوجهد
ڪندي گذريون.

– جامي چانڊيو

جـــوڳيئڙا جهـــان ۾، نـــوري ۽ نـــاري،
ٻـري جـن ٻـاري، آءٌ نـــ جيئنـدي اُن ريءَ.
(لطيف)



## سٽاءُ


- ننڍي کنڊ جو ورهاڱو ۽ صوبائي خودمختياري 10
- مذهب جو ناجائز استعمال 12
- مسلم ليگ جي منافقت ۽ پاڪستان جا بنياد 14
- پاڪستان جي تاريخ ۽ قومي/ صوبائي خودمختياريءَ جو سوال 16
- پاڪستان جا آئين ۽ قومي/ صوبائي خودمختياري 20
- جمهوري وفاقيت جو بحران ۽ قومي/ صوبائي خودمختياريءَ جا مسئلا 24
- قومن جي آئيني خودمختياري 31
- معاشي خودمختياري 32
- قدرتي وسيلن جي پيداوار، ڦُرلٽ ۽ صوبائي خودمختياري 37
- وفاقي بيوروڪريسي ۽ ننڍن صوبن جي اصلوڪن رهواسين جي نمائندگي 41
- پاڻي تڪرار ۽ قومي/ صوبائي خودمختياري 45
- ثقافتي خودمختياري 51
- سنڌي عوام جا قومي مطالبا 54
- ببليوگرافي 60

[جامي چانڊيي جي انگريزيءَ ۾ لکيل تحقيقي ڪتاب “Crisis of Federalism & Prospects for Provincial Autonomy in Pakistan” جو سنڌيءَ ۾ اختصار، جيڪو خاص طور تي سياسي پارٽين، نوجوانن، قومي ڪارڪنن، صحافين ۽ سياسي ڪالم نويسن لاءِ تيار ڪيو ويو آهي.]

پاڪستان جو گهڻ-طرفو رياستي بحران هاڻي ڪنهن کان به ڳُجهو نه آهي. پاڪستان کي دنيا ۾ هڪ ناڪام رياست طور ڏٺو ۽ سڃاتو وڃي ٿو ۽ ڪوبه مٿس ويساهه ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. اندروني طور ملڪ ۾ رڳو حڪومت ئي نه پر رياست جو ڪوبه مثبت فعال وجود نظر نه ٿو اچي. پختونخواهه ۾ مذهبي دهشتگرديءَ جو رِڻُ ٻريو پيو آهي، جنهن رياست جي سگهه کي بي نقاب ڪري ڇڏيو آهي، ڇاڪاڻ ته ڇهه ڏهاڪا ملڪ جا سمورا وسيلا ”دفاع“ تي خرچ ڪرڻ باوجود پنهنجي ئي پيدا ڪيل پنجَ ڏَهه هزار دهشتگردن کي رياست منهن ڏئي نه ٿي سگهي (يا ڏيڻ نه ٿي چاهي). بلوچستان جي صورتحال اِها آهي، جو سرڪاري اسڪولن ۾ ”قومي ترانو“ ڳائي نه ٿو سگهجي ۽ پيو ته ٺهيو، پر خود رياستي ادارا به اُتي محفوظ نه آهن. سنڌ ۾ ڪو ڏينهن خالي ناهي جو احتجاج، بک هڙتالون، لانگ مارچون ۽ مظاهرا نه ٿيندا هجن. امن امان جي بحران ۽ لاقانونيت جي ڪابه حد نه رهي آهي. غربت ۽ بيروزگاريءَ عوام کان جيئڻ جو حق



کسي ورتو آهي. بجليءَ جي بحران ۽ بدانتظام ڪاريءَ ملڪ جي ڪار-وهنوار کي عملي طور گوڏن ڀَرِ ويهاري ڇڏيو آهي. صوبن ۽ ان ۾ وَسندڙ قومن جي خودمختياري، مالياتي ايوارڊ، پاڻي تڪرار، قدرتي وسيلن تي ان جي وارث ۽ حقدار قومن جي عوام جي مالڪيءَ، حقيقي يا پارلياماني جمهوريت ۽ پارليامينٽ جي بالادستيءَ ۽ قومي / صوبائي خودمختياريءَ جا معاملا اُتي جو اُتي ۽ اڻ نبريل پيا آهن.

اها سڄي صورتحال، جنهن گهڻَ-طرفي ۽ سنگين رياستي بحران جو خاڪو اُڀاري ٿي، ان جو نه ته ڪو حل نڪرندي نظر اچي ٿو ۽ نه ئي ان لاءِ حڪومتي ۽ رياستي سطح تي ڪابه رٿابندي، سنجيدگي ۽ ڳڻتي نظر ٿي اچي. ان ڪري اِهو خيال هاڻي تيزيءَ سان سڄي ملڪ ۾ اُڀري ۽ پاڙون هڻي رهيو آهي، ته هيءُ ملڪ مافيائن ۽ ناجائز توڙي متضاد مفادن جو ڳَڙهه ۽ هڪ لاعلاج مريض بڻجي چڪو آهي؛ ۽ هن ملڪ مان هاڻي ڪنهن بهتر تبديليءَ ۽ انصاف جي توقع رکڻ وڏي خودفريبي هوندي. نئون ته ٺهيو، پر جنهن نسل هيءُ ملڪ ٺاهيو، اُهو به هاڻي مڪمل طور پاڪستان جي بهتر، جمهوري، قومي برابريءَ واري ۽ سيڪيولر آئيندي مان مايوس نظر اچي ٿو. ان هوندي به ملڪ جا سڀ روشن خيال ۽ دوانديش ماڻهو ان ڳالهه تي متفق نظر اچن ٿا، ته جيڪڏهن سمورين مايوسين ۽ پيچيدگين جي باوجود ملڪ جي باقي رهڻ ۽ هلڻ جي ڪابه صورت ممڪن ٿي سگهي ٿي، ته اُها ٺلهي ۽ رسمي صوبائي نه پر ڇئني صوبن ۾ وسندڙ تاريخي قومن جي مڪمل قومي خودمختياري ۽ ملڪ جي خالق قومن وچ ۾ هڪ نئون سماجي معاهدو ئي آهي، جنهن جو بنياد* ”1940ع جي لاهور واري ٺهراءَ“ تي ٻڌل هجي. 1940ع جي ٺهراءَ ۾ واضح طور چيو ويو هو ته:

* Dr. Riaz Ahmed, “All India Muslim League and the creation of Pakistan”

[1] "It is considered view of this session of the All-India Muslim League that no constitutional plan would be workable in this country or acceptable to the Muslims unless, it is designed on the following basic principles, viz, that geographically contiguous units are demarcated into regions which should be so constituted, with such territorial readjustments as may be necessary, that the areas in which Muslims are in majority as in North-western and eastern zones of India, should be so grouped to constitute "Independent states" in which the constituent units shall be autonomous and sovereign."

”آل انڊيا ملسم ليگ جي هن اجلاس جو هيءُ سوچيل سمجهيل خيال آهي تہ هن ملڪ (هندستان) ۾ تيستائين ڪوبہ آئيني منصوبو ڪارآمد يا مسلمانن لاءِ قبولڻ جوڳو نہ آهي، جيستائين اهو هيٺين بنيادي اصولن تي تيار نہ ڪيو ويو آهي، مطلب تہ:

جاگرافيائي لحاظ کان هڪٻئي سان ڳنڍيل اڪائين جي - اهڙي علائقائي ڦير ڦار سان، جيڪا ضروري هجي - اهڙن خطن ۾ حدبندي ڪئي ويئي آهي، جيئن اهي (قدرتي طرح) هئڻ گهرجن.

تہ اهي علائقا، جتي مسلمان اڪثريت ۾ آهن، جيئن ڏکڻ اولهہ ۽ اوڀر وارا حصا، آزاد رياستن جي قيام لاءِ گڏ ڪرڻ گهرجن، جن ۾ شريڪ اڪائيون آزاد ۽ خود مختيار هونديون.“

---

(A Chronology), p. 95

[1] محمد ابراهيم جويو ”سنڌ منهنجي خوابن جي“، 2008ع، سينٽر فار پيس اينڊ سول سوسائٽي حيدرآباد، صفحو 197.



تازو موجوده پ پ پ حڪومت طرفان پ پ پ اڳواڻ ميان رضا رباني‎ءَ جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ آئيني سڌارن جي ڪميٽي پڻ جوڙي وئي آهي، جيڪا چيو وڃي ٿو تہ ”جمهوريت جي چارٽر“ مطابق 1973ع جي آئين ۾ سڌارا تجويز ڪندي. هڪ تہ اڄ تائين اهڙين ڪميٽين جو ڪو عملي طور ڪَڙُ تيل نہ نڪتو آهي؛ ٻيو جيئن تہ هن ڪميٽيءَ جو مينڊيٽ ايترو محدود آهي، جو اُها جيڪڏهن ڪم ڪري تہ بہ اُها موجوده حالتن ۾ هن رياستي بحران جو ڪو جٽادار حل ڪڍي نہ سگهندي. هڪ متروڪ ۽ مسخ ٿيل 1973ع جي آئين ۾ جزوي ترميمن جو اِهو پيڪيج هن مرندڙ سياسي نظام لاءِ ڪنهن عارضي ”فرسٽ ايڊ“ کان وڌيڪ نہ هوندو.

اچو تہ پاڪستان جي مجموعي رياستي بحران، قومي تضاد ۽ قومي/ صوبائي خودمختياريءَ جي سوال تي هڪ نظر وجهون.

## ننڍي کنڊ جو ورهاڱو ۽ صوبائي خودمختياري:

ننڍي کنڊ جي ورهاڱي بابت تمام گهڻا غلط مفروضا، جواز ۽ دليل پيش ڪيا ويا آهن، جنهن جو تَتُ هيءُ آهي تہ پاڪستان اسلام جي نالي ۾ ٺهيو هو، جڏهن تہ حقيقت ان جي اُبتڙ آهي. خود پاڪستان جي تخليق جي دعويدار جماعت مسلم ليگ، جڏهن 1906ع ۾ ڍاڪا ۾ ٺهي هئي، تہ اُها پنهنجيءَ سوچ ۾ فرقي پرست ۽ انگريز پرست تہ هئي؛ پر عليحدگي پسند نہ هئي. مسلم ليگ گڏيل هندستان ۾ محدود وفاق ۽ وڌ ۾ وڌ صوبائي خودمختياريءَ جو مطالبو ٿي ڪيو. انگريزن يا خود ڪانگريس سان 1906ع کان 1947ع تائين مسلم ليگ جيڪي بہ گڏجاڻيون ڪيون يا پنهنجا مطالبا رکيا، تہ انهن ۾ اسلام جو ڪو ذڪر نہ هو. اصل مسئلو گڏيل هندستان ۾ محدود اختيارن واري جمهوري وفاق ۽ صوبائي خودمختياريءَ جو هو. ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جا سمورا اختلاف اسلام يا هندومت تي نہ پر اُتر-اوڀر ۽ اُتر- اولهہ صوبن/ علائقن جي خودمختياريءَ جي سوال تي هئا. 1916ع جي لکنؤ پيڪٽ ۾ بہ مسلم

ليگ ۾ ڪانگريس وچ ۾ مذهب جو نہ پر سياسي معاملن جو وقتي نبيرو ٿيو. جيڪو جٽادار ثابت نہ ٿيو. 1928ع ۾ مسلم ليگ جنهن بنياد تي ”نهرو رپورٽ“ کي رد ڪيو، ان جو بنيادي سبب ۾ محرڪ صوبائي خودمختياريءَ جو سوال هو. پيو تہ ٺهيو پر * 29 ڊسمبر 1930ع ۾ مسلم ليگ جي تڏهوڪي وقتي صدر علامہ اقبال پهريون ڀيرو آل انڊيا مسلم ليگ جي ايڪويهين اجلاس ۾ جڏهن سنڌ، پنجاب، سرحد ۾ بلوچستان جي علائقن کي گڏائي، هڪ ڪري، هندستان ۾ اُتر اولهہ مسلمان اڪثريتي رياست (ڀوءِ چاهي اُها برطانوي شهنشاهيت اندر هجي يا ان کان ٻاهر) جو تصور ڏنو هو تہ اُهو ننڍي کنڊ جي مسلمانن قبول نہ ڪيو هو. ويندي اهو مسلم ليگ ۾ بہ تڪراري بڻيو هو. جو ماڻهن ان کي اُن زماني ۾ بہ گريٽر پنجاب جو تصور ٿي سمجهيو. 1927ع ۾ انگريز سرڪار طرفان جوڙيل تڪراري ۾ هِڪَ-طرفي ”سائمن ڪميشن“ جي ناڪاميءَ ۾ 1928ع ۾ ڪانگريس جي ”نهرو رپورٽ“ جي تڪراري حيثيت ڪانپوءِ، 1929ع ۾ برطانوي حڪومت پاران ڪرايل ”رائونڊ ٽيبل ڪانفرنس“ جي ناڪاميءَ جو سبب بہ ڪو مذهبي مسئلو نہ هو؛ پر صوبائي خودمختياريءَ بابت آئيني ضمانتن جي فارمولا تي عدم اتفاق هو. 1935ع ۾ جڏهن انگريزن ”گورنمينٽ آف انڊيا ايڪٽ“ ڏنو تہ اهو هندستان جي مسلمانن دل سان قبول نہ ڪيو. ڇاڪاڻ تہ ان ۾ بہ هڪ مضبوط ۾ اختيارن جي مرڪزيت واري وفاق جو تصور ڏنو ويو هو. جڏهن تہ ان ۾ صوبن کي نهايت محدود خودمختياري ڏني وئي هئي. يعني 1935ع جي انڊين ايڪٽ جي تڪراري حيثيت جو بنيادي سبب بہ ڪو مذهبي نہ پر آئيني هو. جنهن ۾ مسلم ليگ جو بنيادي اعتراض محدود صوبائي خودمختياريءَ بابت هو. جڏهن تہ 1935ع جي آئين ۾

---

[*] Dr. Riaz Ahmed, “All India Muslim League and the creation of Pakistan”
(A Chronology), p. 38-39



مسلم ليگ جي جداگانہ طريقہ انتخاب (Separate Electorates) جي فرقيپرست مطالبي ۾ سنڌ سميت ڪجهہ صوبن جي قيام کي تسليم بہ ڪيو ويو هو پر محدود صوبائي خودمختياريءَ سبب اهو تڪراري بڻيو.

## مذهب جو ناجائز استعمال:

حقيقت اِها آهي، تہ جتي هڪ طرف انگريز ۾ ڪانگريس جون پاليسيون اقليتن ۾ خاص طور مسلمانن لاءِ بيحد تڪراري هيون، اُتي خود مسلمانن منجهہ بہ سواءِ صوبائي خودمختياريءَ جي ٻين گهڻن بنيادي معاملن متعلق اتفاق نہ هو ۽ نہ ئي ڪنهن الڳ مسلمان رياست جي قيام جو ڪو واضح مطالبو يا ان لاءِ وسيع تر اتفاق موجود هو. جيتوڻيڪ 1938ع ۾ مسلم ليگ پاڪستان لاءِ پنهنجي ڪراچيءَ واري اجلاس ۾ واضح مطالبو ڪري چڪي هئي؛ پر تاريخي حقيقت اِها آهي تہ 1940ع ۾ جڏهن مسلم ليگ پنهنجي لاهور واري اجلاس ۾ هڪ تاريخي ٺهراءُ بحال ڪيو. جنهن ۾ وفاقي اِڪاين لاءِ خودمختيار ۾ آزاد مملڪتن جي ڳالهہ ڪيل هئي، تڏهن ئي سنڌ سميت مسلمان اڪثريتي علائقن مان ڪجهہ صوبن اڳتي هلي پاڪستان ۾ شموليت جي حمايت ڪئي، ڇاڪاڻ تہ اُن ۾ رڳو صوبائي خودمختياري نہ پر وفاقي قومي وحدتن کي آزاد ۾ خودمختيار مملڪتن سان تعبير ڪيو ويو هو. مٿي ذڪر ڪيل دليل جي حق ۾ اجا وڏيڪ پيو ڪهڙو دليل ٿي سگهي ٿو؟ تہ 1946ع ۾ جڏهن ”ڪيبينٽ مشن“ پلان ۾ مڪمل صوبائي خودمختياريءَ جي ڳالهہ ڪئي وئي تہ مسلم ليگ پاڪستان جي مطالبي تان هٿ ڪڻڻ لاءِ تيار ٿي وئي هئي. ان ڪري چئي سگهجي ٿو تہ ورهاڱي کان اڳ بہ گڏيل هندستان ۾ اصل ۾ بنيادي مسئلو بحران يا تڪرار رڳو مذهبي نہ پر سياسي هو. جنهن ۾ اختيارن جي مرڪزيت واري وفاقيت، اقليتن کي قبول نہ هئي. يعني جيڪڏهن ڪانگريس ”هڪ قومي

نظريي“ (One Nation Theory) جي ڪوڙي مفروضي ۽ اختيارن جي مرڪزيت واري وفاق جي سوچ ۽ پاليسيءَ تان هٿ ڪڍي، صوبن کي خودمختياريءَ جي ضمانت ڏئي ها ته مسلم ليگ ”ٻه قومي نظريي“ (Two Nation Theory) جو فتنو پيدا ڪري، پنهنجي فرقيوار سوچ ۽ نظريي باوجود هندستان جي ورهاڱي لاءِ مسلمانن کان حمايت نه وٺي سگهي ها؛ ۽ نتيجي ۾ هندستان جو ورهاڱو ممڪن نه ٿئي ها. يعني حقيقت اها آهي ته ورهاڱي کان اڳ موجود تضاد بنيادي طور مذهبي نه پر سياسي هو. جنهن جو اصل محرڪ خودمختياريءَ جو سوال هو؛ پر انگريزن، ڪانگريس ۽ مسلم ليگ ٽنهي ڌرين مذهب کي ناجائز طور استعمال ڪيو. انگريزن چاهيو ٿي ته هندن ۽ مسلمانن جو مذهبي تضاد وڌي ته جيئن هو ڪو گڏيل سامراج دشمن سياسي ڪردار ادا نه ڪري سگهن. 1905ع ۾ انگريزن بنگال جو ورهاڱو ڪري، ان جو بنياد وڌو. ڪانگريس بظاهر ته سيڪيولر هجڻ جي دعويدار هئي؛ پر اُها خاص طور گانڌيءَ ۽ موتي لعل نهروءَ کان پوءِ عملي طور هڪ متعصب ڪردار سان سامهون آئي ۽ هندو بورجوا طبقي جي نمائنده پارٽيءَ ۾ تبديل ٿي وئي. مسلم ليگ جي فرقي پرست سوچ پنهنجي جاءِ تي پر ڪانگريس ان جي جائز سياسي مطالبن کي به لنوائڻ خاطر مذهبي رنگ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. مثال طور ڪانگريس سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگيءَ جي مطالبي جي سخت مخالفت ٿي ڪئي. ساڳيءَ طرح هندستان کي گهڻَ-قومي ۽ گهڻَ-ثقافتي ملڪ تسليم نه ٿي ڪيو ۽ آخر تائين مضبوط مرڪز جي حامي رهي، جنهن ٻين مذهبي اقليتن ۽ خاص طور مسلمان اڪثريتي علائقن جي عوام ۾ عدم سلامتيءَ جو احساس ٿي پيدا ڪيو. يعني ڪانگريس جي سيڪيورلزم جو عملي مطلب رام راڄ جو احياءُ هو. اهڙيءَ طرح مسلم ليگ محدود مرڪز ۽ وڌ ۾ وڌ صوبائي خودمختياريءَ واري پنهنجي جائز



مؤقف کي سياسي انداز ۾ پيش ڪرڻ بجاءِ ”ٻه قومي نظريي“ جهڙي فتني باز ۽ فرقي پرست صورت ۾ پيش ڪيو. جنهن مسلمانن جي حڪمران طبقي کي ته فائدو ڏنو پر عوام کي هڪ اهڙي نه کُٽندڙ فرقي پرست تضاد جي ڏٻڻ ۾ ڦِٽو ڪيو جنهن مان نڪرڻ لاءِ اڄ تائين اسان هٿوراڙيون هڻي رهيا آهيون.

## مسلم ليگ جي منافقت ۽ پاڪستان جا بنياد:

تاريخ جو الميو اهو آهي، ته جنهن مسلم ليگ گڏيل هندستان ۾ مضبوط مرڪز جي خلاف جدوجهد ڪئي؛ ۽ ڪانگريس جي نهرو رپورٽ توڙي 1935ع جي انڊين ايڪٽ کي مضبوط مرڪز جي بنياد تي رد ڪيو. ان پاڪستان جي قيام ڪانپوءِ، هڪ طرف صوبائي خودمختياريءَ جي تصور جي ئي نفي ڪرڻ شروع ڪئي؛ ۽ اختيارن جي مرڪزيت واري رد ڪيل ۽ تڪراري 1935ع جي ايڪٽ کي پاڪستان جي عبوري آئين طور قبول ڪيو. 1940ع جي لاهور واري ٺهراءَ ۾ وفاق ۾ شامل ٿيندڙ اِڪاين کي آزاد ۽ خودمختيار رياستن جو درجو ڏيڻ جي ڳالهه ڪئي؛ پر مسلم ليگ پاڪستان ٺهڻ شرط پنهنجي جدوجهد ۽ واعدن سان بدترين ۽ مثالي غداري ڪئي. يعني جنهن ايڪٽ جي خلاف ان هندستان جي ورهاڱي جو مطالبو ڪيو. ان کي ئي پاڪستان جي عبوري آئين جو درجو ڏنو ۽ 1940ع جي لاهور واري ٺهراءَ، جنهن کي بعد ۾ پاڪستان جو ٺهراءُ سڏيو ويو. ان کي عملي طور تاريخ جي رديءَ ۾ اُڇلائي ڇڏيو. تاريخ جو الميو اهو به آهي ته ملڪ جو باني محمد علي جناح جيڪو گڏيل هندستان ۾ اقليتن جي سياسي حقن ۽ صوبائي خودمختياريءَ جو وڏي ۾ وڏو وڪيل ۽ علمبردار هو؛ ۽ جنهن هميشه اختيارن جي مرڪزيت واري وفاق کي رد ڪيو. ان به 1947ع کان وٺي مرڻ گهڙيءَ تائين پاڪستان جا بنياد 1940ع جي ٺهراءَ تحت رکڻ لاءِ ڪا به سنجيده ڪوشش نه ڪئي. ملڪ جي گورنر جنرل طور ڪيس اختيار هئا، ته هو مرڪزيت پسند ۽ سامراجي عبوري آئين کي ترميمن

ذريعي تبديل ڪري سگهيو ٿي؛ پر هن اهڙي ڪا بہ ڪوشش نہ ڪئي، بلڪ ان جي اُبتڙ سڄو سال تقريرون ڪندو رهيو تہ ملڪ جي قومي ٻولي فقط اردو هوندي ۽ ملڪ ۾ صوبائيت جي ڪا بہ گنجائش نہ آهي. يعني قومن کي آزاد ۽ خودمختيار رياستن جو درجو ڏيڻ جو واعدو ڪندڙ هاڻي ٿلهو صوبائي خودمختياري تہ ٺهيو، پر مورڳو صوبائيت کي عصبيت ڪوٺيندو رهيو. مثال طور 15 جون 1948ع تي ڪوئٽا ميونسپالٽيءَ پاران ڏنل آجياڻي ۾ هن واضح طور چيو تہ: ”برطانوي ڪنٽرول کان محفوظ رهڻ لاءِ صوبائي خودمختياري ۽ مقامي آزاديءَ جا اِهي سڀ ٺٽيَ بنايا ويا هئا، جنهن کي ڪي ماڻهو اڄ تائين چنبڙيا ٿا اچن. پر هاڻي تہ پنهنجي مرڪزي حڪومت آهي، جا بلڪل بااختيار آهي، ان ڪري پراڻن ۽ غلط اصطلاحن تي سوچڻ، ڪمزور سهارن کي چنبڙي پوڻ جي برابر آهي. ياد رهي تہ صوبائي عصبيت توڙي مقامي ۽ ذاتي مفاد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ آهي خودڪشي!“ [1] جناح صاحب 31 مارچ 1948ع تي ڍاڪا ۾ واضح طور چيو تہ: ”اوهان لاءِ لازم آهي تہ اوهان بنگالي، سنڌي، پنجابي، بلوچي ۽ پٺاڻ وغيره جون ڳالهيون نہ ڪريو. اوهين فقط هڪ قوم آهيو، ۽ هڪ ئي مملڪت سان وابستہ آهيو. هيءَ مملڪت نہ پنجابيءَ جي آهي، ۽ نہ بنگاليءَ جي آهي، نہ سنڌيءَ جي آهي؛ ۽ نہ بلوچيءَ جي آهي.“ [2] اهڙيءَ طرح 15 جون 1948ع تي ڪوئيٽا ۾ شهري سپاسنامي جي جواب ۾ هن چيو: ”اسين نہ بلوچي آهيون نہ پٺاڻ، نہ سنڌي آهيون ۽ نہ بنگالي ۽ نہ ڪو پنجابي رهيا آهيون. اسان جا احساس ۽ عمل سڀ پاڪستاني هئڻ گهرجن.“[3] ويندي 11هين آگسٽ 1947ع واري پنهنجي جڳ مشهور تقرير[4] ۾ جتي هڪ طرف هن پنهنجي ئي فرقي پرست ٻہ قومي نظريي کي رد ڪري هڪ بهتر ڳالهہ ڪئي، اُتي ئي

---

[1] Jinnah: Speeches & Statements 1947-48، آڪسفورڊ_ 2000ع، صفحو: 226

[2] ساڳيو صفحو: 117

[3] ساڳيو صفحو 226

[4] ساڳيو صفحو: 25



هن پاڪستاني قوميت جي غلط ۽ دوکيباز تصور تي زور ڏنو، جيڪو 1940ع جي ٺهراءَ جي روح جي سراسر خلاف هو. ان ڪري مسلم ليگ اصل غداري سر سيد، اقبال ۽ جناح سان نہ پر اختيارن جي مرڪزيت خلاف جدوجهد، 1940ع جي ٺهراءَ ۽ پاڪستان ۾ شامل ٿيندڙ قومن وچ ۾ سماجي معاهدي ۽ خاص طور تي مظلوم قومن سان ڪئي، جنهن ۾ ”ڪوٺن سِڪن“ سان گڏ خود ملڪ جي باني محمد علي جناح جي ڪردار کي بہ هرگز معاف نہ ٿو ڪري سگهجي. ڪانگريس جي منافقانہ ۽ مرڪزيت پسند ڪردار جي مزاحمت تي جتي سندس ڪردار کي ساراهي سگهجي ٿو، اُتي ”ٻہ قومي نظريي“ جي تشڪيل ۽ پاڪستان جي قيام کانپوءِ صوبائي خودمختياريءَ کي رد ڪرڻ، ”اردوءَ“ کي قومي ٻوليءَ طور مڙهڻ ۽ مفروضاتي ۽ هٿ ٺوڪيي ”هڪ قومي نظريي“ تي زور ڏيڻ تي ڪيس ڪنهن طور بہ معاف نہ ٿو ڪري سگهجي، ڇاڪاڻ تہ ان جا بدترين نتيجا اسان اڄ قومي طور ڀوڳي رهيا آهيون. هن کي اُها خبر هئڻ کپندي هئي، تہ نام نهاد ۽ مفروضاتي پاڪستاني قوم جي نالي ۾ سندس ڪوٺا سِڪا ۽ پنجابي-پناهگير مستقل مفاد هن ملڪ جي مظلوم قومن ۽ عوام سان اڳتي هلي ڪهڙو حشر ڪندا؟ اڄ ملڪ جو جيڪو بہ هيءُ گهڻ- طرفو رياستي بحران آهي، ان جو هڪ اهم بنياد اهو ئي آهي.

## پاڪستان جي تاريخ ۽ قومي/ صوبائي خودمختياريءَ جو سوال:

ان حقيقت کان تہ ڪوبہ انڪار ڪري نہ سگهندو تہ پاڪستان ڪڏهن بہ عملي طور هڪ جمهوري ۽ سمورين قومن ۽ صوبن جو نمائنده وفاق نہ رهيو آهي؛ ۽ صوبائي خودمختياريءَ جو ملڪي تاريخ ۾ عملي طور ڪوبہ وجود تہ ڇا! پر مورڳو تصور بہ نہ رهيو آهي. جڏهن تہ حقيقت اها آهي، تہ پاڪستان جي سموري تاريخ، هن ملڪ اندر پنجابي-پناهگير حڪمران طبقي جي هڪ هٿيءَ، ڌاڙي، ڦرلٽ ۽ مظلوم قومن ۽ طبقن سان بدترين ويساهہ گهاتيءَ جي تاريخ آهي. ان جي ثابتيءَ لاءِ هيٺيان مثال ڏئي سگهجن ٿا.

(1) 1947ع جو آزاديءَ جو ايڪٽ جيڪو پڻ پي سي او (PCO) تحت لاڳو ٿيو، 1935ع جي ان انڊين ايڪٽ جي بنياد تي قائم ٿيو

جيڪو اختيارن جي مرڪزيت سبب مسلم ليگ طرفان اڳ ئي رد ڪيو ويو هو. ”1947ع جي آزاديءَ جي ايڪٽ“ تحت، پاڪستان جي گورنر جنرل (محمد علي جناح) کي اختيار حاصل هئا، ته هو عبوري آئين کي ترميمن ذريعي تبديل ڪري سگهيو ٿي، پر هن ايئن نه ڪيو. ويتر ”پاڪستاني قوميت“ جي غلط، خودفريب ۽ دوکيباز مفروضي تي زور ڏنو.

(2) 7 مارچ 1949ع تي ملڪ جي پهرين وزيراعظم ۽ نسلي تعصب جي علمبردار لياقت علي خان، جنهن هوندئن به پاڪستان جي تباهيءَ جا بنياد رکيا، ”قرارداد مقاصد“ (Objective Resolution) جو خاڪو پيش ڪيو. جنهن کي بعد ۾ 12 مارچ 1949ع تي ملڪ جي پهرين آئين ساز اسيمبليءَ مان منظور ڪرايو ويو. ”قرارداد مقاصد“ جنهن کي اڄ سوڌو پاڪستان جو نظرياتي بنياد چيو وڃي ٿو، دراصل پاڪستان کي هڪ مُلا شاهي (Theocratic) ۽ آپيشاهي (Autocratic) رياست ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. اهو چئي سگهجي ٿو ته قرارداد مقاصد دراصل هڪ طرف 1940ع جي ٺهراءُ جي روح جي خلاف هو، ته ٻئي طرف اهو هڪ اهڙي پاڪستان جو بنياد ۽ نظرياتي خاڪو هو، جنهن گذريل ڇهن ڏهاڪن کان ملڪ جي مظلوم قومن ۽ طبقن جو رت پئي چوسيو آهي.

(3) 1949ع ۾ ئي اردو ٻوليءَ کي زوريءَ ملڪ جي سمورين قومن مٿان نام نهاد ”قومي ٻوليءَ“ طور مڙهيو ويو. اردو جيڪا ملڪ جي ڪنهن به قوم جي تاريخي ٻولي نه هئي ۽ اُها رڳو مغربي پاڪستان جي به ڇهه سيڪڙو پناهگير آباديءَ جي ٻولي هئي، سا ملڪ ۾ هڪ وڏي ثقافتي تضاد ۽ تڪرار جو سبب بڻي. پاڪستان جي مظلوم قومن جي ثقافتي استحصال جا بنياد به خود ملڪ جي باني محمد علي جناح رکيا، جنهن بار بار اردوءَ کي قومي ٻوليءَ طور مڙهڻ تي زور ڏنو. اهو چئي سگهجي ٿو ته بنگال جي ورهاڱي جا بنياد ان ڏينهن پيا، جڏهن اردوءَ کي ملڪ جي اڪيلي قومي ٻوليءَ طور مڙهيو ويو. جيتوڻيڪ 1956ع جي آئين ۾ اردوءَ



سان گڏ بنگالي ٻوليءَ کي به قومي ٻوليءَ جو درجو ڏنو ويو، پر تيستائين بنگال جي دلين ۾ پاڪستان پنهنجا بنياد وڃائي چڪو هو. بهرحال بنگال ته نيٺ 1971ع ۾ وڏين قربانين ڪانپوءِ آزاد ٿي ويو، پر موجوده پاڪستان ۾ اردوءَ جي ثقافتي هڪ هٽي اڄ تائين برقرار آهي.

(4) 1955ع ۾ اولهه پاڪستان جي چئني صوبن کي زوريءَ گڏائي ”ون يونٽ“ ٺاهيو ويو، جنهن جا واضح طور به مقصد ۽ مفاد هئا. اوڀر پاڪستان جيئن ته آباديءَ جي لحاظ کان اولهه پاڪستان کان وڏو هو، ان ڪري ”پنجابي - پناهگير مستقل مفاد“، بنگالَ يعني اوڀر پاڪستان جي اڪثريتي جمهوري حق کي صلب ڪرڻ ٿي گهريو ۽ ناٽڪي پيرٽي (Parity) جي بنياد تي ون يونٽ جي قيام جو هڪ بنيادي سبب اهو هو. ٻيو ته ان ساڳي مفاد پرست ۽ ڦورو ٽولي سنڌين، بلوچن، سرائيڪين ۽ پشتونن جي تاريخي، معاشي ۽ سياسي حقن کي پڻ مڪمل طرح پائمال ڪرڻ ٿي گهريو، ۽ ون يونٽ جي قيام جو ٻيو بدنيت مقصد اهو هو. ون يونٽ ذريعي هڪ طرف بنگال جي اڪثريتي حيثيت جي نفي ڪندي، سنڌن حڪمرانيءَ جي جمهوري حق جي نفي ڪئي وئي، ته ٻئي طرف ان سڄي عرصي ۾ سنڌين، بلوچن، پشتونن ۽ سرائيڪين جي وسيلن کي ”مالِ غنيمت“ سمجهي بيدرديءَ سان لُٽيو ۽ ڦُريو ويو. ون يونٽ جا بدترين اثر سنڌ ۽ سنڌين تي پيا، جو سندن زمينن، شهرن، پاڻيءَ، نانءِ، وسيلن، ڊيموگرافيءَ جي توازن تي ۽ تاريخي حقن تي اُهي اُهي راتاها هنيا ويا، جنهن جو ازالو ۽ سدِباب هاڻي شايد ڪڏهن به ٿي نه سگهي.

(5) پاڪستان ۾ هيستائين چار مارشلائون لڳي چڪيون آهن، جن جو ڪُل حڪومتي دؤر ٽيٽيهه سالن کان مٿي آهي. يعني ملڪي تاريخ جي ٻاهٺ سالن جي تاريخ مان ٽيٽيهه سال ته ملڪ ۾ سڌي ۽ اُگهاڙي آمريت رهي آهي. جنرل ايوب خان جو آمريتي دؤر 8 آڪٽوبر 1958ع کان 25 مارچ 1969ع (ڏهه سال، پنج مهينا ٿي ڏينهن) تائين هليو. جنرل

يحييٰ خان جو دؤر 25 مارچ 1969ع کان 19 ڊسمبر 1971ع تائين هليو (2 سال، 9 مهينا ۽ ڇهه ڏينهن)، جنرل ضياءُ الحق جو آمريتي دؤر 5 جولاءِ 1977ع کان 16 آگسٽ 1988ع تائين هليو (11 سال هڪ مهينو ۽ 11 ڏينهن) ۽ جنرل پرويز مشرف جو آمريتي دؤر 12 آڪٽوبر 1999ع کان 2008ع (9 سال) تائين هليو.

هونئن ته ملڪ ۾ آمريتي حڪومتن جمهوريت، جمهوري ادارن، قانون جي حڪمرانيءَ ۽ احترام، ميڊيا جي آزادي، عوام جي سياسي آزاديءَ، سياسي ڪلچر ۽ رياست ۾ عوام جي ويساهه کي مڪمل طور تباهه ڪرڻ ۾ ڪابه ڪسر نه ڇڏي، جنهن جا نتيجا اڄ به ملڪ ۾ هر سطح تي ڏسجي سگهجن ٿا، پر ٻئي طرف حقيقت اِها آهي، ته ملڪ جي آمريتي دؤرن ۾ سڀني کان وڏيڪ مظلوم قومن ۽ خاص طور سنڌين، بلوچن ۽ سرائيڪين پوڳيو آهي. جيئن ته ملڪ جي اسٽيبلشمينٽ ۽ رياست تي قابض طبقي جي اڪثريت جو تعلق پنجاب سان آهي، ان ڪري آمريتي دؤرن ۾ به هڪ طرف اسٽيبلشمينٽ پنجاب جي حڪمران طبقي ۽ سندس ناجائز مفادن جي سهڪاري گروهن، جهڙوڪ اردو ڳالهائيندڙ حڪمران طبقي کي نوازيو ته ٻئي طرف ان سويلين دؤرن جي ڀيٽ ۾ مظلوم قومن ۽ خاص طور تي سنڌين، بلوچن ۽ سرائيڪين جو سياسي، معاشي، سماجي ۽ ثقافتي رَتُ پئي چُوسيو آهي. پاڪستان ۾ ننڍين صوبن ۽ ان ۾ وَسندڙ مظلوم قومن کي ته هونئن به ڪڏهن قومي يا حقيقي صوبائي خودمختياري نصيب نه ٿي آهي؛ پر آمريتي دؤرن ۾ ته انهن جو ڪو ٽڪو پئسو به تصور نه رهيو آهي. ان ڪري پاڪستان ۾ سمورا آمريتي دؤر بدترين مرڪزيت پسند حڪومتي دؤر هئا. هاڻي تصور ڪري سگهجي ٿو ته ملڪ جي ٻاهٺ سالن جي تاريخ ۾ جڏهن ٽيٽيهه سال سڌو آمريتي راڄ رهيو هجي، ته پوءِ انهن دؤرن ۾ صوبن ۽ اُنهن



۾ وَسندڙ مظلوم قومن جي قومي ۽ صوبائي خودمختياريءَ جو حشر ڇا ۽ ڪهڙو ٿيو هوندو؟ ان ڪري ئي شايد هميشه آمريتن کي وڏي بالادست صوبي پنجاب بدران ننڍين صوبن ۽ خاص طور تي سنڌ مان ئي سگهاري مزاحمت ۽ للڪار ملي آهي. اُها ٻي ڳالهه آهي ته آمريتي دؤرن کانپوءِ به چونڊيل سياسي حڪومتن ۾ جيئن ته مظلوم قومن ۽ ننڍين صوبن کي ڪجهه به پلئه نه پيو آهي، ان ڪري هاڻي مظلوم قومن جي عوام جي اڪثريت سياسي حڪومتن کان به آهستي آهستي لاتعلق ٿيندي پئي وڃي، ڇاڪاڻ ته ملڪ ۾ آمريتون هجن يا سويلين حڪومتون، حڪومتي ايوانن ۾ پارٽيون بدلجن يا چهرا پر رياست جي بنيادي ڍانچي، طاقت جي توازن، اختيارن جي ٻيهڪ، قانون جي حڪمرانيءَ ۽ ملڪي وهنوار تي پنجابي- پناهگير مستقل مفادن جي هڪ هٽيءَ ۾ ڪوبه بنيادي ڦيرو نه ٿو اچي. ان ڪري ڏسي سگهجي ٿو ته پرويز مشرف جي دؤر ۾ سنڌ ۽ بلوچستان پاڻيءَ ۽ قدرتي وسيلن جي مالڪيءَ لاءِ ته اڻٿڪ جدوجهد ۽ مزاحمت ڪئي، پر هن ڀيري نام نهاد جمهوريت لاءِ ماضيءَ جي ڀيٽ ۾ اُهي ايترو ڪونه وڙهيا.

## پاڪستان جا آئين ۽ قومي/ صوبائي خودمختياري:

پاڪستان جي آئيني تاريخ خود هن ملڪ جي عوام ۽ مظلوم قومن سان هڪ سنگين مذاق آهي. 12 مارچ 1949ع تي جنهن ڏينهن ملڪ جي پهرين آئين ساز اسيمبليءَ مان ”قراردادِ مقاصد“ کي پاس ڪرايو ويو، ان ساڳئي ڏينهن چوويهن ميمبرن تي مشتمل هڪ ”بنيادي اُصولن واري ڪميٽي“ جو قيام عمل ۾ آندو ويو، جنهن جو مقصد هو ته اُها ”قراردادِ مقاصد“ جي بنياد تي ملڪ جي آئين لاءِ سفارشون ترتيب ڏيندي. ان ڪميٽيءَ جي سنجيدگيءَ جو عالم اِهو هو، جو ان ڇهن سالن کانپوءِ وڃي، 1954ع ۾ پنهنجون سفارشون ترتيب ڏنيون؛ ۽ ان وچ ۾

قراردادِ مقاصد جو خالق ۽ ملڪ جي سيڪيولر مستقبل جو سياسي ۽ نظرياتي قاتل وزيراعظم لياقت علي خان، خود سورهين آڪٽوبر 1951ع تي قتل ٿي ويو ۽ سندس جاءِ تي خواجہ ناظم الدين ٻئي ڏينهن يعني سترهين آڪٽوبر تي ملڪ جي وزارتِ اعظميٰ جو قلمدان سنڀاليو. 1954ع ۾ جڏهن ڪميٽيءَ پنهنجون آئيني سفارشون ترتيب ڏنيون، تيستائين خواجہ ناظم الدين بہ گهَرَ پِيڙو ٿي چڪو هو ۽ محمد علي بوگره اِهو قلمدان سنڀالي ورتو هو؛ پر جيسين اهو سفارشن جو ڊرافٽ منظوريءَ لاءِ اسيمبليءَ ۾ پيش ٿئي، تيسين 24 آڪٽوبر 1954ع تي ملڪ جي گورنر جنرل غلام محمد اسيمبليءَ کي ئي ڊسمس ڪري، پاڪستان جي غير جمهوري پارلياماني تاريخ جا بنياد وجهي ڇڏيا. اسيمبليءَ جي صدر مولوي تميزالدين ان فيصلي کي سنڌ چيف ڪورٽ ۾ چئلينج ڪيو ۽ نيٺ اهو ڪيس کٽيو؛ پر حڪومت وري ان جي ردعمل ۾ وفاقي ڪورٽ سان رجوع ڪيو ۽ چيف جسٽس محمد منير پنهنجو جڳ مشهور ۽ بدنام زمانہ فيصلو ڏنو، جنهن جي نتيجي ۾ مولوي تميزالدين تہ ڪيس هارايو؛ پر پاڪستان ۾ عدليہ جي نئين ۽ مخصوص ڪردار جو بنياد پيو، جنهن ۾ بنيادي اهميت قانون، آئين ۽ جمهوري اُصولن کي نہ پر ”نظريہءِ ضرورت“ کي هئي. ”نظريہءِ ضرورت“ جي غلام عدليہ هن ملڪ ۾ جمهوريت، آئين، قانون، انصاف ۽ جمهوري وفاق يا صوبن ۽ انهن ۾ وسندڙ مظلوم قومن جي حقن کي ڪهڙو تحفظ ڏئي سگهي ها؟ اُها حقيقت پاڪستان ۾ هڪ کُليل راز آهي.

1956ع ۾ پاڪستان کي نيٺ پنهنجو پهريون آئين مليو، جنهن ۾ هڪ طرف ملڪ کي آئيني طور ”اسلامي جمهوريہ پاڪستان“ قرار ڏنو ويو، تہ ٻئي طرف ملڪ ۾ سينيٽ کانسواءِ (Unicameral) پارلياماني جمهوري نظام کي متعارف ڪرايو ويو. اها حقيقت آهي تہ 1962ع ۽ 1973ع جي آئينن جي ڀيٽ ۾ 1956ع جي آئين ۾ نسبتن وڌيڪ



صوبائي خودمختياري ڏني وئي هئي؛ پر جيئن تہ اولهہ پاڪستان ۾ ون يونٽ هو، ان ڪري اُها صوبائي خودمختياري بنگال، سنڌ، بلوچستان ۽ سرحد بجاءِ عملي طور پنجاب جي ئي ڪم آئي.

اهو آئين ملڪ جي ٻي آئين ساز اسيمبليءَ طرفان ڏنو ويو، جيڪا اٺاويهين مئي 1955ع تي گورنر جنرل جي آرڊر نمبر 12، 1955 تحت وجود ۾ آئي هئي. ان ئي اسيمبليءَ کي ون يونٽ جي نفاذ جو بہ ”اعزاز“ حاصل آهي. چوڌري محمد علي ان وقت ملڪ جو وزيراعظم هو ۽ 1956ع جو آئين، جنهن جو ڊرافٽ 9 جنوري 1956ع تي پيش ڪيو ويو، اُهو 29 فيبروري 1956ع تي اسيمبليءَ مان پاس ڪرايو ويو؛ ۽ ٽيويهين مارچ 1956ع کان اهو آئين لاڳو ڪيو ويو. تاريخ جو اهو اتفاق پنهنجي جاءِ تي موجود آهي، تہ اِهو ساڳيو ڏينهن هو، جڏهن لاهور جي منٽو پارڪ ۾ 1940ع ۾ مسلم ليگ طرفان تاريخي ٺهراءُ بحال ڪرايو ويو هو، جنهن کي نَڪَ جي پڪائيءَ سان پاڪستان جو بنياد پڙ چيو وڃي ٿو.

1962ع ۾ ملڪ کي ٻيو آئين مليو، جنهن وقت ايوبي آمريت جو بدترين آپيشاهي دؤر هو. ايوب خان جنهن 27 آڪٽوبر 1958ع تي ملڪ جي ٻئي صدر طور اقتدار سنڀاليو، سترهين فيبروري 1960ع تي هڪ آئيني ڪميشن جو قيام عمل ۾ آندو، جنهن جو مقصد وري هڪ نئين آئين لاءِ سفارشون ترتيب ڏيڻ هو. هر آمر وانگر ايوب خان کي بہ ”جمهوريت“ جي وڏي ڳڻتي هئي ۽ هن ”بنيادي جمهوريت“ کي هٿي ڏيڻ لاءِ ملڪ کي هڪ نئون آئيني ڍانچو ڏيڻ ٿي گهريو. نيٺ سندس جوڙيل آئيني ڪميشن 29 اپريل 1961ع تي پنهنجي رپورٽ ڏني، جنهن جي بنياد تي 1 مارچ 1962ع تي ملڪ جي پهرين آمر طرفان پاڪستان کي ٻيو آئين مليو. 1962ع جي آئين ۾ پاڪستان کي صدارتي حڪومتي نظام ڏنو ويو ۽ بجا طور اهو چئي سگهجي ٿو تہ اهو هڪ آمر پاران، آمر لاءِ ۽ آمر جو آئين هو. ان ڪري تصور ڪري

سگهجي ٿو ته ان آئين ملڪ ۾ جمهوري وفاق ۾ صوبن توڙي ان ۾ وسندڙ قومن جي تاريخي حقن ۾ خودمختياريءَ جي ڪيتري "خدمت" ڪئي هوندي!

پاڪستان ڪي چونڊيل جمهوري پارليامينٽ معرفت پهريون آئين 1973ع ۾ مليو جنهن جو ڪريڊٽ شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي ڪي ڏنو ويندو آهي. جيڪا هڪ حقيقت به آهي. پر سوال آهي، ته ڇا 1973ع جو آئين سچ پچ به ملڪ جي سمورين قومن جي قومي، تاريخي ۽ جمهوري حقن جو پاسدار، صوبن ڪي خودمختياري ڏيندڙ هڪ بااُصول ۽ جمهوري آئين هو؟ جواب آهي ته قطعي نه. ٻيو ته، ڇا اوڀر پاڪستان جي علحدگيءَ ڪانپوءِ، ان رهجي ويل اسيمبليءَ ڪي ڪو به آئيني ۽ اخلاقي اختيار هو ته اُها نئون آئين ٺاهي؟ ڇاڪاڻ ته اهو اختيار ته آئين ساز اسيمبليءَ جو هوندو آهي. ان لحاظ کان اهو آئين ئي خود غير آئيني آهي. 1973ع جو آئين پنهنجي بنيادي مزاج ۾ قرارداد مقاصد جي توثيق ۽ تائيد ڪندڙ قومن جي وجود جو انڪاري، خود فريب ۽ گمراهه ڪندڙ پاڪستاني قوميت جي تصور جو آئينيدار يا علمبردار هڪ اهڙو آئين هو جنهن ۾ پارلياماني نظام ذريعي هڪ بي اختيار سينيٽ ڪي ته پيدا ڪيو ويو هو. پر صوبن ۾ انهن ۾ وسندڙ تاريخي قومن جي تاريخي، معاشي، ثقافتي ۽ سياسي حقن جو ڪو به لحاظ نه ڪيو ويو هو. چئي سگهجي ٿو ته 1973ع جو آئين دراصل 1935ع جي سامراجي انڊين ايڪٽ جو بدليل حالتن ۾ هڪ تسلسل هو. پر 1973ع جي آئين ۾ ته 1935ع جي پيٽ ۾ گهٽ خودمختياري ڏني وئي هئي. الميي جي ڳالهه اها به آهي، ته پاڪستان جي تاريخ جو وڏي ۾ وڏو سحرانگيز عوامي اڳواڻ شهيد ذوالفقار علي ڀُٽو بنيادي طور صوبن ۾ قومن جي خودمختياريءَ جو حامي نه پر هڪ سخت مرڪزيت پسند سياسي اڳواڻ هو. 1973ع جي آئين جي



چهري مسخ ٿيڻ جو آغاز به خود سندس خالق شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي کان ٿيو ۽ پوءِ ته ضياءُ الحق کان نواز شريف ۽ جنرل پرويز مشرف تائين ان جو چهرو وڌيڪ مسخ ڪرڻ ۾ ڪنهن به ڪا ڪسر نه ڇڏي. 1973ع جي آئين ۾ مسلسل غير جمهوري ۽ غير آئيني ترميمن کان قطع نظر هونئن به هاڻي ملڪ جي بدليل حالتن ۾ 1973ع جو آئين متروڪ ٿي چڪو آهي، جيڪو موجوده رياستي بحران ڪي حل ڪرڻ ۾ ڪو به اثرائتو ڪردار ادا نه ٿو ڪري سگهي.

### جمهوري وفاقيت جو بحران ۾ قومي/ صوبائي خودمختياريءَ جا مسئلا:

جيئن مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي، ته پاڪستان جي سموري تاريخ ۾ ڪڏهن به حقيقي جمهوري وفاق جو ڪو به وجود نه رهيو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ وفاق ۾ صوبن ۾ وڏي بالادست صوبي يعني پنجاب ۽ ننڍن صوبن وچ ۾ سدائين بنيادي معاملن تي تضاد ۽ تڪرار موجود رهيا آهن، جن جو نبيرو ڪڏهن به انصاف جي بنياد تي نه ڪيو ويو آهي. اڄ سوڙو اهو بحران جيئن جو تيئن موجود آهي. اهڙن اڻ نبريل معاملن ۾ ڪجهه بنيادي اِشوز هي آهن:

#### (الف) وفاق تي پنجاب جي هڪ هَٽي ۽ بالادستي:

دنيا جي گهَڻَ-قومي يا گهَڻَ-رياستي سرشتن ۾ وفاق دراصل قومن يا رياستن وچ ۾ هڪ گڏيل مفادن واري الحاق يا معاهدي جو نالو هوندو آهي: پر پاڪستان ۾ وفاق تي مڪمل طور هڪ بالادست صوبي يعني پنجاب جي هڪ هٽي ۽ قبضو آهي. سڀ کان اول ته بنگال جي علحدگيءَ کان پوءِ پاڪستان ۾ پنجاب ڪي ٻيو ته نهيو. پر خود پارليامينٽ ۾ به عددي اڪثريت حاصل آهي. سينيٽ ڪي 1973ع جي آئين تحت وجود ۾ ته آندو ويو، پر ان بي اختيار سينيٽ جي عملي حيثيت هڪ سياسي ڪلب کان وڌيڪ نه آهي. ملڪ جي ٽنهي فوجي ادارن (بري، بحري ۽ هوائي) اندر قطعي اڪثريت پنجاب ۽ پنجابين جي

آهي. پاڪستان جي سول بيوروڪريسيءَ ۾ اڄ بہ قطعي اڪثريت پنجابي ۽ اردو ڳالهائيندڙن جي آهي. ملڪ جي نام نهاد وفاقي ادارن، ڪارپوريشنس ۾ سنڌي، بلوچ ۽ سرائيڪي اٽي ۾ لوڻ برابر بہ نہ آهن. البتہ پشتونن جي نمائندگي هڪ حد تائين ملڪ جي ملٽري ۽ سول بيوروڪريسيءَ ۾ شروع کان موجود رهي آهي. ادارن جي لحاظ کان جيئن تہ وفاق تي عملي طور قبضو پنجابي ۽ اردو ڳالهائيندڙ حڪمران طبقن جو آهي، ان ڪري مرڪز ۾ ڪابہ حڪومت هجي؛ پر وفاقي مرڪز عملي طور انهن ئي مراعت يافتہ ۽ ڦورو طبقن جي ناجائز مفادن جي پاسداري ۽ حفاظت ڪندو رهي ٿو. اڪثر پنجاب جي شائونسٽ دانشورن طرفان چيو ويندو آهي، تہ ايوب خان ۽ يحيٰ خان پٺاڻ هئا ۽ مشرف بہ هڪ غير پنجابي يعني اردو ڳالهائيندڙ هو ۽ ضياءُ الحق هڪ ڪشميري هو. ان ڪري رياستي جبر جو ڏوهہ پنجاب کي ڇو ٿو ڏنو وڃي؟ يا وري اهو چيو ويندو آهي، تہ سنڌي پ پ پ جي صورت ۾ اوير پاڪستان جي علحدگيءَ کانپوءِ مسلسل اقتدار ۾ رهيا آهن؛ ۽ پوءِ بہ پنجاب جي هڪ هٽيءَ خلاف دانهيو وڃي ٿو. جڏهن تہ حقيقت اِها آهي، تہ اصل سوال اقتدار جي مسند تي ويهندڙ فردن جي ٻولي، نسل، صوبي ۽ قوميت جو نہ آهي؛ پر رياست جي ڍانچي، ان جي طاقت جي توازن ۽ پاور اسٽرڪچر جو آهي. هن ملڪ جي موجوده رياستي ڍانچي ۽ نظام اندر جيڪو بہ اقتدار ۾ ايندو اُهو پنجاب جي حڪمران طبقي جي ڦورو مفادن کي ڇُني ڏئي نہ سگهندو. پاڪستان ۾ غير جمهوري آپيشاهي دؤر ۾ آمريت جي مسند تي ويٺل ايوب خان هجي يا يحيٰ خان، ضياءُ الحق هجي يا پرويز مشرف، اُهي رڳو ڪي فرد نہ پر اسٽيبلشمينٽ جا نمائندا آهن، جيڪي پنجاب ۽ ان جي ذيلي ساٿارين (خاص طور اردو ڳالهائيندڙ حڪمران طبقي) جي مفادن جو ئي تحفظ ڪندڙ آهن. ٻئي طرف چونڊيل حڪومتن ۾ ڪٺي ڪوبہ يا ڪابہ سويلين حڪمران هجي، اُهي



پنجاب جي ناجائز ۽ بالادست مفادن جي پورائي ڪانسواءِ نہ تہ اقتدار ۾ اچي سگهن ٿا ۽ نہ حڪمرانيءَ جي مسند تي ويهي سگهن ٿا. نتيجي ۾ ملڪ جي مظلوم قومن، ڪڏهن بہ پاڪستان جي وفاق کي پنهنجو نمائنده وفاق نہ سمجهيو آهي. حقيقت اِها آهي، تہ اوير پاڪستان يعني بنگال جي علحدگيءَ کان پوءِ موجوده پاڪستان اُهو پاڪستان ئي نہ آهي، جنهن جي حمايت ۾ ٽين مارچ 1943ع تي سائين جي ايم سيد، سنڌ اسيمبليءَ مان ٺهراءُ بحال ڪرايو هو. عملي طور بنگال جي علحدگيءَ کانپوءِ هيءُ اُهو ملڪ آهي، جنهن جو خاڪو علامہ اقبال 1930ع ۾ الهہ آباد ۾ مسلم ليگ جي ايڪويهين اجلاس ۾ پيش ڪيو هو. ۽ جنهن کي ان بنياد تي خود مسلمانن طرفان رد ڪيو ويو هو. تہ ان جو عملي طور مطلب ”گريٽر پنجاب“ هوندو.

## (ب) رياست جو ڍانچو ۽ طاقت جو توازن:

پاڪستان جو رياستي ڍانچو سرشتو ۽ ان ۾ طاقت جو توازن ئي اهڙو آهي، جنهن ۾ ملڪ جي مظلوم قومن کي موجوده نام نهاد ”وفاقي ۽ جمهوري“ ڍانچي اندر قومي خودمختياري ملي سگهي ئي نہ ٿي، ڇاڪاڻ تہ هڪ طرف رياست تي قابض اسٽيبلشمينٽ ۽ حڪمران طبقي جو تعلق پنجابي- پناهگير مستقل مفاد سان آهي، تہ ٻئي طرف ملڪ جي پارليامينٽ اندر بہ پنجاب جي قطعي عددي اڪثريت آهي. سينيٽ ۾ جيتوڻيڪ بظاهر صوبن جي برابر نمائندگي آهي؛ پر هڪ تہ اهو ايوان بي اختيار آهي، ٻيو تہ ان ۾ وفاق جي انتظام هيٺ هلندڙ علائقن جهڙوڪ فاٽا وغيره جون سيٽون بہ عملي طور اسٽيبلشمينٽ جي هٿن ۾ آهن؛ ۽ ٽيون تہ سينيٽ ۾ صوبن جي بظاهر Token نمائندگي تہ نظر اچي ٿي؛ پر ان ۾ وسندڙ اصلوڪين قومن جهڙوڪ سنڌين، سرائيڪين ۽ بلوچن جي نمائندگي ڪڏهن بہ اثرائتي نہ رهي آهي.

(مثال طور موجوده وقت ۾ سينيٽ جي سنڌ مان ٻاويهن سيٽن مان سنڌين جو انگ فقط ست آهي.) سِول بيوروڪريسيءَ جو تعلق بہ ساڳئي حڪمران ٽولي سان آهي. 1940ع ۾ ٺلهو صوبائي خودمختياريءَ جي ڳالهہ ڪيل نہ هئي؛ بلڪ رياستي ۽ قومي خودمختياريءَ جي ڳالهہ تي اتفاق ڪيو ويو هو؛ ۽ ٻيو تہ جڏهن صوبا ڇيو وڃي ٿو تہ ان جو مطلب بہ اهو آهي، تہ جيئن تہ صوبا رڳو ٺلها انتظامي يونٽ نہ پر پاڪستان ڪي جوڙيندڙ قومن جا تاريخي وطن آهن، ان ڪري ان جو مطلب صوبن ۾ وسندڙ تاريخي قومن جي قومي خودمختياري آهي؛ پر جنهن ملڪ ۾ قومن جي وجود، سندن تاريخي حيثيت ۽ حقن کان ئي رڳو زباني نہ؛ پر آئيني طور بہ انڪار ڪيو ويندو هجي، اُتي ڪهڙي حقيقي قومي يا سندن حقن جي پاسدار قومي يا حقيقي صوبائي خودمختياريءَ جي اُميد ڪري سگهجي ٿي؟

## (ت) قومي حقِ حاڪميت ۽ سنڌ:

اڄوڪي جديد دؤر ۾ ڪابہ قوم، قومي خودمختياري ۽ حقِ حاڪميت کانسواءِ اڳتي وڌي ۽ آزاد حيثيت ۾ ترقي نہ ٿي ڪري سگهي. پاڪستان دنيا جو اهو نام نهاد وفاقي ملڪ آهي، جتي قومن ملڪ ۾ شامل ٿي، ڇڻ تہ هڪ نہ کُٽندڙ غلاميءَ جو طوق پنهنجيءَ قومي ڳچيءَ ۾ وجهي ڇڏيو. قومن جي تاريخي وجود جي انڪاري هن ملڪ ۾، قومي خودمختياري، حقِ حاڪميت جو تہ تصور بہ بغاوت سمجهيو وڃي ٿو. ڇهہ ڏهاڪا گذرڻ باوجود قومون اڃا تائين پنهنجو قومي وجود مڃرائڻ جي جدوجهد ۾ آهن، جڏهن تہ قومي خودمختياريءَ جو پنڌ اڃا گهڻو پري آهي. قومي خودمختياريءَ کان محروميءَ جي حوالي سان، سنڌ پاڪستان ۾ شايد سڀني کان وڌيڪ پوئيو آهي. 1843ع ۾ انگريزن سنڌ کي فتح ڪرڻ کانپوءِ بمبئي پريزيڊنسي ۾ شامل ڪري ڇڏيو. ڏگهيءَ ۽ لڳاتار



جدوجهد کانپوءِ سنڌ نيٺ 1935ع جي انڊين ايڪٽ تحت پنهنجي صوبائي حيثيت حاصل ڪئي. جيتوڻيڪ 1935ع جي مرڪزيت پسند انڊين ايڪٽ تحت ئي سهي؛ پر بهرحال سنڌ کي 1936_37ع کان 1946_47ع تائين محدود صوبائي خودمختياريءَ جا ڏهہ سال مليا؛ پر تاريخ جو الميو اهو آهي، تہ ان هڪ ڏهاڪي ۾ ٽن چونڊن ۽ پنجن وَڏَـ وزارتن جي تبديل ٿيڻ ۽ اندروني سياسي ڇڪتاڻ سبب سنڌ کي عملي طور هڪ ڏينهن بہ خودمختياري ماڻڻ جو موقعو نہ ملي سگهيو. اهي ڏهہ سال سنڌ ۾ اسيمبليءَ اندر سڄو وقت دشمنيءَ جهڙي سياسي ڇڪتاڻ رهي، وزارتون ٺهنديون ۽ ڊهنديون رهيون، منصب ۽ چهرا (غلام حسين هدايت الله کان شهيد الله بخش سومري تائين) بدلبا رهيا؛ پر سنڌ کي عملي طور جزوي خودمختياري بہ نصيب نہ ٿي، جو ان جي حڪومت آزاديءَ، خودمختياريءَ ۽ ذميواريءَ سان سنڌ ۽ ان جي عوام لاءِ ڪي بنيادي قدم کڻي سگهي ها. تاريخ جو عجيب اتفاق اهو آهي تہ اُن زماني ۾ بہ سنڌ تي حڪمرانيءَ جو ساڳيو فارمولو لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي هئي، تہ جيئن اڪثريتي ۽ وطن دوست سياسي ڌرين کي پاسيرو رکي، انگريزن، مسلم ليگ ۽ ڪانگريس جي ڳيجهو سياسي اقليتي ميمبرن کي سنڌ جي حاڪميت جون واڳون ڏنيون وڃن. مثال طور پهرين فيبروري 1937ع تي ڪرايل چونڊن جا نتيجا، جيڪي سرڪاري طور ظاهر ڪيا ويا، تنهن مطابق سائين جي ايم سيد جي سربراهيءَ واري سنڌ يونائيٽيڊ پارٽيءَ کي ٻاويهہ سيٽون، شيخ عبدالمجيد سنڌيءَ جي سنڌ آزاد پارٽيءَ کي ٽي سيٽون، سر غلام حسين هدايت الله جي ”سنڌ مسلم پارٽيءَ“ کي چار سيٽون، سنڌ هندو سڀا (جنهن جو بعد ۾ اسيمبليءَ ۾ نالو بدلائي ”هندو انڊيپينڊنٽ پارٽي“ رکيو ويو) کي يارنهن سيٽون، انڊين نيشنل ڪانگريس کي اَٺَ سيٽون، آزاد

ميمبرن (ٻن هندن ۽ ڇهن مسلمانن) کي اَٺَ سيٽون، يورپي ميمبرن کي ٽي سيٽون ۽ پورهيتن کي هڪ سيٽ مليون، پر سنڌ جي تڏهوڪي انگريز گورنر سر لينسي لاٽ گراهم، اڪثريتي پارٽيءَ بدران انگريز سرڪار جي نوازيل ۽ ڳيجهو سر غلام حسين هدايت الله کي سنڌ ۾ وزارت ٺاهڻ جي ڪوٺَ ڏني، جنهن وٽ فقط چار سيٽون هيون.* اهو ته فقط هڪ مثال آهي. ويندي 47 – 1946ع تائين سنڌ ۾ حڪومتن جي صورتحال اها رهي ۽ حقيقي طور سنڌ جزوي خودمختياريءَ جي اُنهن ڏهن سالن ۾ هڪ ڏينهن به عملي طور قومي ته ٺهيو، پر ٺلهي صوبائي خودمختياري به نه ماڻي سگهي.

پاڪستان جي قيام کان پوءِ ته ڪنهن به حڪومت يا دؤر کي اهڙي حڪومت يا اهڙو دؤر نه ٿو سڏي سگهجي، جنهن ۾ سنڌ کي قومي ته ٺهيو پر رڳو ٺلهي رسمي صوبائي خودمختياري به ملي هجي. اڄ سنڌ ۾ انتظامي اهليت، انفرااسٽرڪچر، تعليم، صحت، غربت ۽ حڪومتي سطح تي جيڪو اعتماد جو بحران آهي، ان جو بنيادي سبب، سنڌ جو مسلسل قومي خودمختياريءَ ۽ حقِ حاڪميت کان پري ۽ محروم رهڻ آهي. تاريخ جو الميو اِهو آهي، ته انگريزن کان اڳ ميرن جي دؤر کي به اهڙو حڪمرانيءَ جو دؤر نه ٿو سڏي سگهجي، جنهن ۾ سنڌ کي حقيقي قومي خودمختياري حاصل هئي. ڇاڪاڻ ته مير صاحبن کي قومي حڪومت هلائڻ جو نه ته تجربو هو ۽ نه منجهن اهڙي انتظامي اهليت ۽ سياسي بصيرت هئي.

موجوده پاڪستان ۾ قومي خودمختياريءَ يا حقِ حاڪميت جي حوالي سان سنڌي قوم سڀني کان وڌيڪ مظلوم آهي، ڇاڪاڻ ته هڪ ته اسٽيبلشمينٽ ۽ پنجاب جو حڪمران طبقو ڪنهن به صورت ۾ سنڌ

* محمد ابراهيم جويو، ”سنڌ منهنجي خوابن جي“، 2008ع، سينٽر فار پيس اينڊ سول سوسائٽي حيدرآباد، صفحو 9.



کي قومي خودمختياري ڏيڻ لاءِ تيار نه آهي، ۽ ٻيو ته ٻئي ڪنهن به صوبي ۾ ايم ڪيو ايم جهڙو نسل پرست ۽ دهشتگرد فاشسٽ فتنو نه پيدا ڪيو ويو آهي، ۽ نه موجود آهي. رڳو گذريل ويهن سالن جو حساب ڪتاب ڪجي ته هر دؤر ۾ سنڌ ۾ عملي طور حقيقي اقتدار ايم ڪيو ايم جو هوندو آهي ۽ مجال آهي جو پ پ سميت ڪابه ڌر ڪانئن منهن موڙڻ جي گستاخيءَ جي جرئت ڪري سگهي! عبدالله شاهه جي دؤر ۾ ايم ڪيو ايم خلاف جيڪو عارضي ۽ وقتي آپريشن ٿيو، ان جو سبب به ڪو اسان جي خودمختياري يا حاڪميت نه، پر اسٽيبلشمينٽ طرفان کين سندن اطاعت لاءِ وقتي سبق سيکارڻ هو. هاڻي ته ڇڙ اڙ اعلانيه طور اهو طئي ٿي ويو آهي، ته حڪومت ڪنهن جي به هجي ۽ ڪهڙي به هجي، پر سنڌ تي اصل راڄ ايم ڪيو ايم جو هوندو. ان ڪري هڪ ڳالهه واضح هئڻ گهرجي، ته صوبائي خودمختياريءَ جو عملي طور ڪوبه مطلب نه هوندو، جيستائين اُها خودمختياري اصل ۽ تاريخي قومن جي حقِ حاڪميت کي تسليم نه ٿي ڪري ۽ ان کي عملي طور يقيني نه ٿي بڻائي. يعني ٻين لفظن ۾ چئي سگهجي ٿو ته صوبا قومن جا تاريخي وطن آهن، ۽ صوبائي خودمختياري جيستائين پنهنجي جوهر ۾ حقيقي قومي خودمختياري نه آهي، ۽ ان ۾ خودمختياري اصلوڪين قومن بجاءِ چند گروهن کي هوندي، ته پوءِ اها هڪ دوکي کانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي. هونئن به صوبا ته انگريزن ٺاهيا، جيڪي پوءِ پاڪستان برقرار رکيا. 1940ع ۾ ته آزاد ۽ خودمختيار رياستن جي ڳالهه ڪيل هئي. اسان کي جڏهن انگريزن فتح ڪيو ته اسين صوبو نه پر هڪ قوم ۽ وطن هئاسين. ان ڪري سنڌ، سنڌين جو ٺلهو صوبو نه پر تاريخي قومي وطن آهي ۽ قومي خودمختياريءَ کانسواءِ صوبائي خودمختياري بي معنيٰ آهي.

سنڌ ۾ ڄام صادق جي دؤر کان وٺي اسٽيبلشمينٽ هڪ فارمولا کي اڳيان آندو، ته سنڌ ۾ وڏو وزير نالي ماتر ڪنهن به هڪ ووٽ واري نام

نهاد سنڌيءَ کي ڪيو وڃي؛ ۽ اصل اقتدار ايم ڪيو ايم جي حوالي ڪيو وڃي. ڄام صادق، مظفر شاهه، لياقت جتوئي، غوث علي شاهه، علي محمد مهر ۽ ارباب غلام رحيم جا حڪومتي دؤر ان ئي فارمولا تحت عمل ۾ آندا ويا؛ پر هاڻي ته الميو اهو آهي، ته 1988ع جي قائم علي شاهه جي حڪومت جيان، پ پ هن پيري به اهو عملي طور واضح ڪري ڇڏيو ته پل ته سنڌي کين قطعي اڪثريتي ووٽ ۽ مينڊيٽ ڏين؛ پر سنڌ تي ايم ڪيو ايم کي هر حال ۾ مڙهيو ويندو. ان ڪري سنڌ لاءِ اهڙي ڪابه صوبائي خودمختياري بي معنيٰ ۽ توهين آميز هوندي، جنهن ۾ سنڌ وطن جي مالڪ سنڌي قوم حقِ حاڪميت کان محروم ۽ ديوار سان لڳل هجي؛ ۽ اصل حاڪميت اسٽيبلشمينٽ، سنڌن جوڙيوال ايم ڪيو ايم ۽ قومي غيرت کان وانجهيل سنڌن ڳيجهو سنڌي وڏيرن جي هجي.

ٻئي طرف هڪ ته سنڌي قوم اڳ ئي حقِ حاڪميت کان محروم رهي آهي؛ ۽ ٻيو ته مشرف جي بدنيت نام نهاد لوڪل حڪومتن جي نظام پڻ عملي طور سنڌين کي رهيل کهيل ۽ جزوي خودمختياريءَ کان به محروم ڪري ڇڏيو آهي. مشرف جي پيدا ڪيل بدنيت ضلعي حڪومتن جي نظام، هڪ طرف سنڌ جي شهرن کي مڪمل طور دهشتگردن جي رحم و ڪرم ۽ انتظامي توڙي سياسي بالادستيءَ ۾ ڏئي ڇڏيو آهي، ته ٻئي طرف سنڌ جي سمورن ضلعن کي مقامي طور اصل سرڪار جي ڳيجهو وڏيرن جي سياسي جاگيرن ۽ ڪيٽين ۾ تبديل ڪري ڇڏيو آهي. ان ڪري جيستائين هن بدنيت نظام کي ختم ڪري، حيدرآباد کي اصلوڪي شڪل ۾ بحال ڪري ۽ ڪراچيءَ کي پنجن يا ڇهن ضلعن ۾ ورهايو نه ٿو وڃي، تيستائين صوبائي خودمختياريءَ جي ڳالهه بي معنيٰ آهي.

## قومن جي آئيني خودمختياري:

خودمختياري رڳو ڪو لفظ يا اصطلاح ناهي؛ پر اڄوڪي جديد دؤر ۾ هڪ اهڙو بنيادي اُصول ۽ فردن توڙي قومن جو جمهوري حق آهي، جنهن



کي جيستائين آئيني تحفظ ۽ ضمانت مليل ناهي، تيستائين اُهو بي معنيٰ آهي. پاڪستان جي مرڪزيت پسند ۽ آپيشاهي رياستي ڍانچي ۽ نظام جا آئينيدار ان جا سمورا آئين (1973ع – 1962ع – 1956ع – 1947ع آزاديءَ جو ايڪٽ) آهن. جيڪي برطانوي سامراج جي مرڪزيت پسند ۽ خودمختياري مخالف سامراجيت جو تسلسل آهن، جن جو مختصر ذڪر اسان اڳ ئي ڪري آيا آهيون.

پاڪستان ۾ صوبائي خودمختياريءَ جو تيسين ڪوبه مطلب، وزن يا اهميت ناهي، جيسين قومن جي خودمختيار تاريخي وجود کي تسليم ڪري، ان کي مڪمل طور آئين جو حصو بڻائي، ان کي آئيني ضمانت نه ٿي ڏني وڃي. ان ڪري ئي ملڪ جي گهڻن سنجيده ماڻهن جو مطالبو رهيو آهي، ته 1973ع جو مسخ ٿيل ۽ بار بار مجروح ڪيل آئين، جيڪو هونئن به پنهنجي آغاز کان ئي مرڪزيت پسند هو، تنهن ۾ جزوي ترميمن سان ملڪ جي مظلوم قومن کي ڪا قومي خودمختياري ملي، اهو ناممڪن آهي، ڇاڪاڻ ته ان جو بنياد ئي قومن جي وجود کان انڪار ۽ مرڪزيت پسنديءَ تي آهي. ان ڪري بهتر حل اِهو ٿيندو، ته هڪ نئين آئين ساز اسيمبليءَ جو قيام عمل ۾ آندو وڃي؛ ۽ پوءِ ان اسيمبليءَ مان هڪ اهڙو آئين پاس ڪرايو وڃي، جنهن جو بنياد 1940ع جي قرارداد تي هجي. جيڪو آئين دراصل قومن وچ ۾ نئين سماجي معاهدي جي حيثيت رکندو هجي.

## معاشي خودمختياري:

### قومي مالياتي ڪميشن ۽ مظلوم قومن/ ننڍن صوبن جي معاشي ڦُرلٽ

دنيا ۾ جتي به گهڻ-قومي يا گهڻ-رياستي وفاقي نظام آهن، اُتي وفاق ۾ گڏ رهندڙ قومن يا رياستن/ صوبن وچ ۾ مالياتي وسيلن جي ورهاست کي بنيادي اهميت حاصل هوندي آهي، جنهن کي معاشي

وفاقيت (Fiscal Federalism) يا معاشي عدم مرڪزيت (Fiscal Decentralization) پڻ چيو ويندو آهي. اهڙين جمهوري وفاقي رياستن ۾ اهو استحقاق قومن يا رياستن/ صوبن جو هوندو آهي، تہ اُهي گڏجي طئي ڪن، تہ آخر وفاق کي پنهنجو انتظام هلائڻ لاءِ ڪيترا وسيلا ڏنا وڃن؟ ڇاڪاڻ تہ وفاق تہ هڪ معاهدي ۽ انتظامي سرشتي جو نالو آهي، جڏهن تہ ان جون اِڪايون قومن يا رياستن/ صوبن تي مشتمل هجن ٿيون؛ پر پاڪستان دنيا جو اهڙو واحد نام نهاد وفاق آهي، جتي ”اُبتي گنگا“ وهي ٿي. ڇهہ ڏهاڪا گذرڻ باوجود پاڪستان ۾ وفاقي ڍانچو برطانوي بينڪيتي طرز جو آهي، جنهن جو بنياد اختيارن جي مرڪزيت ۽ مخصوص ناجائز مفادن وارو رهيو آهي.

قومي مالياتي ڪميشن ايوارڊ پاڪستان ۾ شروع کان تڪراري ۽ پنجاب جي مفادن تحت ٺهندو رهيو آهي. جڏهن اوپر پاڪستان اسان سان گڏ هو ۽ اهو آباديءَ جي تناسب جي حساب سان سمورن صوبن تہ ڇا! پر سڄي اولهہ پاڪستان کان بہ گهڻائيءَ ۾ هو تہ اين ايف سي ايوارڊ جو بنياد آبادي نہ پر روينيو ۽ زميني پڪيڙ (Inverse Population Density) هئا. ڇاڪاڻ تہ پنجاب رڳو ان صورت ۾ ئي ملڪ جي وسيلن جي ڦُرلٽ ڪري سگهيو ٿي؛ پر بنگال جي عليحدگيءَ کانپوءِ، جڏهن پنجاب آباديءَ جي لحاظ کان باقي سمورن صوبن کان گهڻائيءَ جي حيثيت ۾ آيو، تہ 1974ع جي اين ايف سي ايوارڊ تحت، صوبن وچ ۾ مالياتي ورڇ جو بنياد اڳ جيان روينيو ۽ زمين بجاءِ اڪيلي سر آباديءَ کي بڻايو ويو، جيڪو اڄ تائين قائم آهي. هونئن دنيا جي پنجويهن وفاقي رياستن ۾ اهڙو ڪوبہ وفاقي سرشتو نہ آهي، جنهن ۾ صوبن وچ ۾ مالياتي ورڇ جو بنياد ۽ معيار رڳو اڪيلي سر آبادي هجي. موجوده ايوارڊ تحت سڀ کان اول تہ 55 سيڪڙو حصو سڏيءَ ريت مرڪز کنيو وڃي، جنهن کي Vertical Distribution چيو ويندو آهي ۽ باقي رهيل 45 سيڪڙو حصي مان وري پنجاب کي 57.36 سيڪڙو، سنڌ کي 23.71



سيڪڙو، بلوچستان کي 5.11 سيڪڙو ۽ پختونخواهہ کي 13.82 سيڪڙو ڏنو وڃي ٿو، جنهن کي ورڇ جوڳو پول چيو ويندو آهي. دنيا ۾ ڪٿي بہ ڪنهن بہ وفاقي نظام تحت وسيلن جي اهڙي ناجائز ورڇ جو ڪو مثال موجود نہ آهي. يعني ٻنهي طرفن کان ان فارمولا تحت ملڪ جي مالياتي ايوارڊ جي صورت ۾ مالياتي وسيلن جو وڏو حصو پنجاب کنيو وڃي. جڏهن تہ ملڪ جي مجموعي مالياتي آمدنيءَ ۾ سنڌ لڳ ڀڳ 70 سيڪڙو حصو ڏئي ٿي ۽ جيڪڏهن اين ايف سي ايوارڊ جو تعين روينيو جي پيداوار جي بنياد تي ڪيو وڃي تہ پنجاب جو حصو وڃي 23.04 سيڪڙو بيهندو ۽ سنڌ کي 69.02 سيڪڙو حصو ملندو. نتيجي ۾ مالياتي وسيلن جي ورڇ پاڪستان ۾ هميشہ مرڪز ۽ صوبن توڙي پنجاب ۽ ٻين صوبن وچ ۾ مستقل تڪرار جو سبب رهي آهي.

اين ايف سي ايوارڊ جي حوالي سان هيٺين ڳالهين تي عمل ڪانسواءِ صوبائي خودمختياريءَ جي سوال جي اهميت هڪ دوکي ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ نہ هوندي.

- سڀ کان اڳ ۾ وسيلن ۽ آمدنيءَ جي ورهاست جي هن ايوارڊ کي قومي مالياتي ايوارڊ بدران ”وفاقي مالياتي ايوارڊ“ سڏيو وڃي، ڇاڪاڻ تہ پاڪستان هڪ قوم نہ پر گهڻين قومن جو الحاق/ وفاق آهي.
- وفاق ۽ صوبن وچ ۾ جيڪا ناڻي جي ورهاست ٿئي ٿي؛ ۽ جنهن کي Vertical Distribution سڏيو وڃي ٿو ان جو 1997ع کان اڳ وارو تناسب بحال ڪيو وڃي، جنهن موجب مرڪز کي ويهہ سيڪڙو ۽ صوبن کي اَسي سيڪڙو ڏنو ويندو هو، جڏهن تہ موجوده وقت ۾ ورهاست موجب مرڪز پنجونجاهہ سيڪڙو کڻي ٿو، جڏهن تہ صوبن کي پنجيتاليهہ سيڪڙو حصو ڏنو وڃي ٿو، جيڪا سراسر معاشي ڦُرلٽ ۽ اقتصادي آپيشاهي آهي.
- موجوده آئين جي آرٽيڪل 160 (ڊي) مطابق بہ مرڪز کي صوبن وچ ۾ وسيلن ۽ ناڻي جي ورهاست ۾ ڪابہ مداخلت نہ ڪرڻي

آهي، ان ڪري صوبن وچ ۾ ورهاست يعني Horizental Distribution ڪي اين ايف سي ايوارڊ ۾ شامل نہ ڪيو ويجي.

- صوبن وچ ۾ ناڻي جي ورهاست اتفاق راءِ سان نہ پر عالمي اُصولن، انصاف پسند جمهوري روايتن ۽ اڪثريتي راءِ تحت ڪئي وڃي، ڇاڪاڻ تہ اتفاق راءِ جو مطلب ويٽو پاور آهي، جيڪو عملي طور هڪ بالادست صوبي/ قوم جي هڪ هٿيءَ ڪي فيصلاڪن سگهہ بخشي ٿو. متضاد مفادن جي اهڙي پيچيده صورتحال ۾ ڪوبہ نبيرو يا فيصلو جمهوري طور اڪثريت راءِ سان ئي ڪري سگهجي ٿو.
- صوبن وچ ۾ ناڻي جي ورهاست آباديءَ بدران گهڻ رُخي فارمولا تحت ڪئي وڃي، جنهن ۾ بنيادي اهميت روينيو ۽ غربت ڪي ڏني وڃي.
- جنرل سيلز ٽيڪس ڪي مڪمل طور صوبن جي تحويل ۾ اختيار ۾ ڏنو وڃي. آئين جو آرٽيڪل 142 بہ اهڙي هدايت ڪري ٿو.
- صوبن جي ڪنهن بہ ٽيڪس ڪي وفاقي مالياتي ايوارڊ جي TORs ۾ شامل نہ ڪيو وڃي.
- گئس ڊولپمينٽ سرچارج جو اُصولي طور مالياتي ايوارڊ سان ڪوبہ تعلق نہ آهي، ۽ نہ هئڻ گهرجي. صدر ڪي رڳو انهن ٽيڪسن ڪي شامل ڪرڻ جو اختيار آهي، جيڪي مرڪز ۽ صوبن وچ ۾ ورهايا وڃن ٿا. جڏهن تہ حقيقت ۾ جي ڊي ايس (GDS) ڪو ٽيڪس نہ پر هڪ قسم جي في آهي. ان ڪري اهو مڪمل طور صوبائي معاملو هئڻ گهرجي؛ ۽ تازو ان ڪي مالياتي ايوارڊ ۾ شامل ڪرڻ جي جيڪا ڪوشش ٿي رهي آهي، اُها نہ رڳو غير آئيني آهي؛ پر صوبائي خودمختياريءَ جي روح جي ئي خلاف آهي.
- موجوده وفاقي حڪومت تيل تي ڊيوٽيءَ ڪي پڻ اين ايف سي جو حصو بڻائڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي، جڏهن تہ آئين مطابق ان



بابت ڪوبہ فيصلو ڪرڻ جو اختيار صرف ”ڪائونسل آف ڪامن انٽريسٽ“ ڪي آهي. ان ڪري وفاقي حڪومت ڪي اهڙو ڪوبہ اختيار نہ آهي؛ ۽ تيل تي ڊيوٽيءَ ڪي ايوارڊ جو حصو نہ بڻايو وڃي.

- وفاقي حڪومت سمورن ٽيڪسن جي گڏ ڪرڻ جي معاوضي طور 5 سيڪڙو ڪٽوتي ڪري ٿي، جڏهن تہ ان جو انتظامي خرچ عملي طور 1 سيڪڙو کان بہ گهٽ آهي. ان ڪري واڌو 4 سيڪڙو پڻ صوبن جي حوالي ڪيو وڃي.

چارٽ 1:

| مرڪز ۽ صوبن وچ ۾ وسيلن جي موجوده ورڇ | | | | |
|---|---|---|---|---|
| مرڪز 55 سيڪڙو | | صوبا 45 سيڪڙو | | |
| قومي مالياتي ايوارڊ جي صوبن وچ ۾ ورڇ جا موجود ۽ پيا تجويز ڪيل فارمولا | | | | |
| صوبو | آبادي | غربت ۽ پسماندگي | روينيو ڪليڪشن | زمين/ جاگرافيائي پيڪيز |
| پنجاب | 57.36 سيڪڙو | 20.6 سيڪڙو | 23.04 سيڪڙو | 4.32 سيڪڙو |
| سنڌ | 23.71 سيڪڙو | 22.5 سيڪڙو | 69.02 سيڪڙو | 7.18 سيڪڙو |
| بلوچستان | 5.11 سيڪڙو | 24.9 سيڪڙو | 2.40 سيڪڙو | 82.0 سيڪڙو |
| پختونخواهہ (سرحد) | 13.82 سيڪڙو | 32.0 سيڪڙو | 5.54 سيڪڙو | 6.5 سيڪڙو |

Source: Jami Chandio, “Crisis of Federalism and Prospects for Provincial Autonomy in Pakistan”, 2009, Chapter 3.

## قدرتي وسيلن جي پيداوار، ڦُرلٽ ۽ صوبائي خودمختياري:

قدرتي وسيلا لکين ڪروڙين سالن جي فطري لقائن ۽ مرحلن جي گذرڻ ڪانپوءِ جُڙن ٿا، ۽ دنيا ۾ جتي بہ اُهي نڪرن ٿا، اُنهن کي اُتي وسندڙ قومن ۽ ماڻهن لاءِ ڀاڳَ ۽ بختَ جي علامت سمجهيو ويندو آهي؛ پر جديد بينڪيتي نظام ۾ اُهي قدرتي وسيلن جي وارث قومن ۽ عوام لاءِ اَڀاڳَ، ڦُرلٽ ۽ معاشي نسل ڪُشيءَ جي علامت بڻجي ويا آهن. پاڪستان ۾ سنڌي ۽ بلوچ پنهنجن قدرتي وسيلن سبب بدترين معاشي ڦُرلٽ جو شڪار ٿيا آهن؛ ۽ اُها ڦُرلٽ گذريل ڇهن ڏهاڪن کان جاري آهي، جنهن ۾ ڏينهون ڏينهن اضافو تہ ٿي رهيو آهي؛ پر ان جي سدِباب جو پري پري تائين ڪو امڪان نظر نہ ٿو اچي. مثال طور سنڌ پاڪستان جي مجموعي گئس جي پيداوار جو 71 سيڪڙو پيدا ڪري ٿي، جڏهن تہ بلوچستان جي گئس جي پيداوار ۾ حصيداري 22 سيڪڙو آهي. پنجاب جو ان ۾ حصو 5 سيڪڙو ۽ پختونخواهہ جو 2 سيڪڙو آهي. تيل جي پيداوار ۾ بہ سنڌ جي حصيداري 56 سيڪڙو آهي، جڏهن تہ پختونخواهہ صوبو 18 سيڪڙو، پنجاب 25 سيڪڙو ۽ بلوچستان 1 سيڪڙو تيل پيدا ڪن ٿا. ملڪ ۾ ڪوئلي جي پيداوار ۾ بہ سنڌ جو حصو 41 سيڪڙو. تيل، گئس ۽ ڪوئلي جي رزروس ۾ بہ سنڌ جو حصو سمورن صوبن کان وڌيڪ آهي. مثال طور گئس جي رزروس ۾ سنڌ جو حصو 58 سيڪڙو آهي، تيل جي ذخيرن ۾ 40 سيڪڙو ۽ ڪوئلي جي ذخيرن ۾ سنڌ جو حصو 88.7 سيڪڙو آهي. جڏهن تہ وفاق جيڪو دراصل پنجاب جي حڪمران طبقي جي ناجائز سياسي ۽ معاشي مفادن جو علمبردار آهي، سو قدرتي وسيلن جي رائلٽيءَ جو 88.5 سيڪڙو مٿان ئي مٿان ڦُريو ۽ کنيو وڃي؛ ۽ صوبن کي فقط 12.5 سيڪڙو حصو ملي ٿو، جيڪو بہ ڪامورا شاهيءَ ۽ حڪومتن جي ڪرپشن جي ور چڙهيو وڃي؛ ۽ ان مان تيل، گئس ۽ ڪوئلو پيدا ڪندڙ ضلعن ۽ صوبن ۽ خاص طور تي سنڌ ۽ بلوچستان کي ڪجهہ بہ هَڙَ حاصل نہ ٿو ٿئي. ان جو رڳو هڪ واضح مثال بدين ضلعو آهي، جيڪو ضلعو ملڪ ۾ تيل جي پيداوار ۾ سيني کان مٿي



آهي، ان جي ترقياتي حالت بدترين آهي. يو اين ڊي پيءَ جي انساني ترقيءَ بابت 2003ع جي رپورٽ ۾ پاڪستان جي 91 (پاڪستان ۾ هاڻي 109 ضلعا آهن) ضلعن مان بدين جو نمبر 60هون هو. قدرتي وسيلن جي شعبي ۾ ڪم ڪندڙ ڪمپنين ۾ بہ سنڌين ۽ بلوچن جو انگ اٽي ۾ لوڻ برابر آهي. يعني جيڪو صوبو روزانو 67140 بيرل تيل ۽ 9.99 ارب ڪيوبڪ فٽ گئس پيدا ڪري ٿو، ۽ جنهن جو ملڪ جي روينيو جي پيداوار ۾ حصو 70 سيڪڙو هجي، ان جي معاشي حالت اها آهي، جو ان جي 37 سيڪڙو آبادي غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذاري رهي آهي، ان جا 70 سيڪڙو ڳوٺاڻا ماڻهو بي زمين هاري آهن.

لڳ ڀڳ ساڳي حالت بلوچستان، پنجاب جي سرائيڪي خطي ۽ پختونخواهہ جي اڪثريتي علائقن جي آهي، جتي انيڪ قدرتي وسيلن هوندي بہ اصلوڪا ماڻهو ڏتڙيل، ڦُريل، ماريل ۽ زندگيءَ جي بنيادي سهولتن ۽ جياپي جي ذريعن کان محروم آهن. ان صورتحال ۾ تيسين ڦيرو ممڪن نہ آهي، جيسين قدرتي وسيلن تي مڪمل اختيار صوبن ۽ ان جي تاريخي طور اصلوڪن ماڻهن کي نہ ٿو ڏنو وڃي.

### چارٽ 2:

**ملڪ ۾ قدرتي وسيلن جي ورڇ ۽ رائلٽيءَ جو چارٽ**

| صوبو | گئس پيداوار (في سيڪڙو) | تيل جي پيداوار (في سيڪڙو) |
|---|---|---|
| سنڌ | 71 | 56 |
| پنجاب | 5 | 25 |
| پختونخواهہ | 2 | 18 |
| بلوچستان | 22 | 0.1 |

- Each province receives 12.5% of the total revenue it contributes to the national pool from resource exploitation.
- The Federal center keeps the other 88.5 % of the royalty.

Source: Pakistan Energy Year book 2008, Ministry of Petroleum and Natural Resources, Government of Pakistan.

## چارٽ 3:

| سنڌ جا تيل ۽ گئس جا وسيلا | | | |
|---|---|---|---|
| | گئس (ملين CFT) | تيل (ملين بيرل) | ڪوئلو (ملين ٽن) |
| ملڪي پيداواري | 1,400,026 | 23.93 | 4.87 |
| سنڌ جي پيداوار | 982،035 | 13.30 | 2.01 |
| سنڌ جو حصو (في سيڪڙو) | 70 | 56 | 41 |

Pakistan Energy Year Book – 2006

## چارٽ 4:

| قدرتي وسيلن جا موجود ذخيرا (30 جون 2006ع تائين) | | | |
|---|---|---|---|
| | گئس (TCF) | تيل (ملين بيرل) | ڪوئلو (ملين ٽن) |
| ملڪي ذخيرا | 33.11 | 324.473 | 185,173 |
| سنڌ جا ذخيرا | 19.33 | 127.36 | 184,623 |
| سنڌ جو حصو (في سيڪڙو) | 58 | 40 | 99.7 |

Pakistan Energy Year Book - 2006



## چارٽ 5:

| پاڪستان ۾ صوبن جي تيل پيداوار جو چارٽ 07_2006ع | | |
|---|---|---|
| صوبو | تيل پيداوار (ملين بيرل) | سيڪڙو |
| سنڌ | 13.87 | 56.36 |
| پنجاب | 7.85 | 31.91 |
| سرحد | 2.8 | 11.619 |
| بلوچستان | 0.024 | 0.1 |
| پاڪستان | 24.61 | 100 سيڪڙو |

Source: Pakistan Energy Year Book – 2007, Ministry of Petroleum and Natural Resources GOP

## چارٽ 6:

| صوبن جي سالياني گئس پيداوار جو چارٽ 07_2006ع | | | | |
|---|---|---|---|---|
| صوبو | نان ايسوسيئيٽيڊ گئس (MMCF) | ايسوسيئيٽيڊ گئس (MMCF) | ڪُل (MMCF) | سيڪڙو |
| سنڌ | 979,198 | 21,217 | 1,000,415 | 70.77 |
| پنجاب | 52,481 | 16,127 | 68,608 | 4.58 |
| سرحد | 22,818 | 3,552 | 26,370 | 1.86 |
| بلوچستان | 318,188 | 0 | 318,188 | 22.50 |
| پاڪستان | 1372,685 | 40,896 | 1413,581 | 100 سيڪڙو |

Source: Pakistan Energy Year Book – 2007

## چارٽ 7:

| صوبن جي ساليانيگئس پيداوار ۽ استعمال 2006_07 | | | |
|---|---|---|---|
| صوبو | ڪُل گئس پيداوار (MMCF) | استعمال ٿيندڙ گئس (MMCF) | ريشو (استعمال بمقابله پيداوار في سيڪڙو) |
| سنڌ | 1,000,415 | 459,369 | 15.91 |
| پنجاب | 68,608 | 638,008 | 930 |
| سرحد | 26,370 | 42,480 | 161 |
| بلوچستان | 318,188 | 82,138 | 25.81 |

Source: Pakistan Energy Year Book – 2007

### وفاقي بيوروڪريسيءَ ۾ ننڍن صوبن جي اصلوڪن رهواسين جي نمائندگي:

جيئن پاڪستان ۾ ڪڏهن به آمريتي توڙي چونڊيل حڪومتن جي دؤرن ۾ سمورن صوبن ۽ انهن ۾ وسندڙ تاريخي قومن جو نمائنده وفاق موجود نه رهيو آهي، تيئن پاڪستان جي ڪنهن به مرڪزي اداري کي صحيح معنيٰ ۾ وفاقي ادارو ڪوٺي نه ٿو سگهجي. بيوروڪريسي ڪنهن به ملڪ ۾ ان ملڪ جي رياستي ڍانچي، پاور اسٽرڪچر، طاقت جي توازن ۽ مجموعي طور رياست تي قابض قوتن جي مفادن جي آئينيدار هوندي آهي، ان ڪري ئي بيوروڪريسيءَ کي سڄيءَ دنيا اندر رياست جو انتظامي هٿيار ڪوٺيو ويندو آهي. پاڪستان جي بيوروڪريسي به جيئن ته مجموعي طور اسٽيبلشمينٽ جو حصو آهي، ان ڪري اتي به اهوئي پنجابي- پناهگير ٽولو حاوي رهيو آهي، جيڪو هونئن ئي اسٽيبلشمينٽ تي حاوي آهي. پاڪستان ۾ ملٽري ۽ سول بيوروڪريسيءَ ۾ پنجاب ۽ پنجابين جي قطعي اڪثريت رهي آهي، جنهن ۾ ٻئي نمبر تي اردو ڳالهائيندڙ پناهگير ۽ ٽئين نمبر تي پناڻ سندن جوڙيوال رهيا آهن. باقي



سنڌين، سرائيڪين ۽ بلوچن جو مجموعي طور ملڪ جي بيوروڪريسيءَ ۾ ونڊيءَ تي به نالو نه رهيو آهي.

ملڪ جا وفاقي ادارا ملڪ تي قابض پنجابي ۽ اردو ڳالهائيندڙ حڪمران طبقي جي ناجائز مفادن جا آئينيدار ۽ مخالف رهيا آهن. مثال طور ملڪ جي بري، بحري ۽ فضائي فوج جا ادارا، ملڪ جي چئني صوبن ۽ سندن اصلوڪين قومن جا نمائندا نه آهن. هڪ محتاط اندازي مطابق پاڪستان جي فوج ۾ هيٺين سطح تي پنجاب (پنجابين) جو حصو 68 سيڪڙو ۽ مٿين سطح تي 79 سيڪڙو آهي. جيتوڻيڪ اوڀر پاڪستان يعني بنگال ملڪ جي مجموعي آباديءَ جو 56 سيڪڙو حصو هو پر ان باوجود نه رڳو سندن ٻوليءَ ۽ قومي تشخص کي نظرانداز ڪيو ويو، پر کين فوج سميت سمورن وفاقي ادارن ۾ نمائندگي فقط ڏيکاءَ خاطر به نه ڏني وئي. اهو سراسر غلط آهي ته ڪو اوڀر بنگال پاڻ ملڪ کان ڌار ٿيو. حقيقت اها آهي ته کين چڙ ته عملي طور زوريءَ ڌِڪي ملڪ کان ڌار ڪيو ويو، ڇاڪاڻ ته اڪثريتي آباديءَ سبب اوڀر پاڪستان يعني بنگال پنجابي- پناهگير مستقل مفاد جي لاءِ هڪ مستقل خطرو بڻيل هو. (ڏسو چارٽ 9 ۽ 10)

ملڪ جي وفاقي بيورو ڪريسيءَ ۾ قومن جي نمائندگيءَ تي نظر وجهبي، ته عجب وٺيو وڃي. يعني 1973ع تائين ملڪ جي وفاقي بيوروڪريسيءَ ۾ پنجابي 49.3 سيڪڙو هئا، پشتون 10.5 سيڪڙو سنڌي 3.1 سيڪڙو، اردو ڳالهائيندڙ 30.1 سيڪڙو، فاٽا 2.6 سيڪڙو ۽ آزاد ڄمون ڪشمير 1.8 سيڪڙو هئا. جڏهن ته ڀُٽي صاحب جي دؤر ۾ ۽ ويندي ان کان پوءِ 1983ع تائين جو تناسب هن ريت هو: پنجابي 54.9 سيڪڙو، پشتون 13.4 سيڪڙو، سنڌي 5.4 سيڪڙو، اردو ڳالهائيندڙ 17.4 سيڪڙو، فاٽا 3.6 سيڪڙو ۽ آزاد ڄمون ڪشمير 1.9 سيڪڙو. اهڙيءَ ريت 1986ع[*]

[*] Jami Chandio, "Crisis of Federalism and Prospects for Provincial Autonomy in Pakistan", 2009, p.186

تائين اهو تناسب ڪجھ هيئن هو يعني پنجاب 55.3 سيڪڙو پشتون 12.6 سيڪڙو سنڌي 7.2 سيڪڙو اردو ڳالهائيندڙ 18.2 سيڪڙو فاٽا 1.4 سيڪڙو ۽ آزاد ڄمون ڪشمير 1.7 سيڪڙو هئا. 1986ع کانپوءِ بہ ان صورتحال ۾ ڪا بهتر تبديلي اچڻ بجاءِ صورتحال بتدريج خراب ٿيندي وئي آهي. خاص طور تي مشرف جا گذريل 9 سال سنڌين ۽ بلوچن کي مڪمل طور ديوار سان لڳايو ويو ۽ ملڪ ۾ پنجابي-پناهگير مستقل مفاد کي ملڪ جي اڇي ڪاري جو مالڪ بڻايو ويو. صوبائي بيوروڪريسيءَ ۾ بہ صورتحال ڪا گھڻي مختلف نہ رهي آهي. مثال طور رڳو اهو ڏسجي تہ گذريل ڇهن ڏهاڪن کان سنڌ جو چيف سيڪريٽري، هوم سيڪريٽري ۽ آءِ جي پوليس گھڻا ڀيرا سنڌي رهيو آهي؟ جيڪڏهن پاڪستان ۾ اڇي ڪاري جي مالڪ ملٽري ۽ سِول بيوروڪريسي رهندي، ۽ صوبن ۾ بہ اصلوڪن ڌرتيءَ ڌڻين بجاءِ بيوروڪريسيءَ ۽ انتظامي مشينريءَ تي ڌاريا قابض هوندا. تہ پوءِ صوبائي خودمختياري سواءِ مظلوم قومن سان هڪ دوکي ۽ دولاب جي ٻيو ڪهڙي معنيٰ رکي ٿي؟

## چارٽ 8:

| وفاقي ڪامورا شاهيءَ ۾ قومن ۽ نسلي گروهن جي نمائندگيءَ جو تناسب | | | |
|---|---|---|---|
| | 1973 | 1983 | 1986 |
| پنجابي | 49.3 سيڪڙو | 54.9 سيڪڙو | 55.3 سيڪڙو |
| پشتون | 10.5 سيڪڙو | 13.14 سيڪڙو | 12.6 سيڪڙو |
| سنڌي | 3.1 سيڪڙو | 5.4 سيڪڙو | 7.2 سيڪڙو |
| اردو ڳالهائيندڙ | 30.1 سيڪڙو | 17.4 سيڪڙو | 18.2 سيڪڙو |
| فاٽا | 2.6 سيڪڙو | 3.6 سيڪڙو | 1.4 سيڪڙو |
| آزاد ڪشمير | 1.8 سيڪڙو | 1.9 سيڪڙو | 1.7 سيڪڙو |

Source: Charles H. Kennedy, "Managing Ethnic Conflict: The Case of Pakistan", Regional Politics and Policy (Spring 1993): p. 138.



## چارٽ 9:

| پاڪستاني ۾ فوجي آفيسر شاهي – 1955 (ڀهريون ڏهاڪو) | | |
|---|---|---|
| | اوڀر پاڪستان/اوڀر بنگال | اولهہ پاڪستان |
| ليفٽيننٽ جنرل | 0 | 3 |
| ميجر جنرل | 0 | 20 |
| برگيڊيئر | 1 | 34 |
| ڪرنل | 1 | 49 |
| ليفٽيننٽ ڪرنل | 2 | 198 |
| ميجر | 10 | 590 |
| نيوي آفيسر | 7 | 593 |
| ايئر فورس آفيسر | 40 | 640 |

Source: Dawn, 9 January 1956, Cited in Mizanar Rehman, 'The Emergence of Bangladesh as a Sovereign State,' Ph.D thesis, Institute of Commonwealth Studies, 1975, p. 67.

## چارٽ 10:

| مرڪزي سيڪريٽريٽ ۾ اعليٰ آفيسر شاهي، 1955 (ڀهريون ڏهاڪو) | | |
|---|---|---|
| | اوڀر پاڪستان/اوڀر بنگال | اولهہ پاڪستان |
| سيڪريٽري | 0 | 19 |
| جوائنٽ سيڪريٽري | 3 | 38 |
| ڊپٽي سيڪريٽري | 10 | 123 |
| انڊر سيڪريٽري | 38 | 510 |

Source: Pakistan Constituent Assembly Debates, vol. 1, 7 January 1956, Cited in Minazar Rehman, 'The Emergence of Bangladesh as a Sovereign State,' p. 68.

## پاڻيءَ تڪرار ۽ قومي/ صوبائي خودمختياري:

پاڻيءَ جي ورهاست هن ملڪ اندر صوبن ۾ خاص طور تي سنڌ ۽ پنجاب وچ ۾ هڪ وڏي ۽ نہ ڪُتندڙ تڪرار جو سبب ۽ محرڪ بڻجي چڪي آهي، جنهن وفاق جي رهيل کهيل وجود ۽ جواز کي بہ داءُ تي لڳائي ڇڏيو آهي. حقيقت ۾ سنڌ ۽ پنجاب جو پاڻيءَ جي ورهاست تي تڪرار اڄ جو ناهي، اهو ننڍي کنڊ ۾ انگريز راڄ، يعني 1859ع کان هلندو اچي ۽ ان جو آغاز تڏهن ٿيو جڏهن اڻ ورهايل پنجاب، هندستان ۾ برطانوي راڄ دوران ناجائز طور تي سنڌو درياهہ تي ڊيم ۽ آبپاشيءَ جا تڪراري منصوبا جوڙڻ شروع ڪيا. هونئن بہ پاڻيءَ جي ورهاست سموريءَ دنيا ۾ هڪ وڏو حساس معاملو رهيو آهي، ان ڪري ان جا قانون پڻ عالمي طور نهايت سخت هوندا آهن. دنيا جو اهو مڃيل عالمي اُصول آهي، تہ درياهن تي آخري ۽ فيصلائتو حق پڇڙيءَ وارن جو هوندو آهي؛ ۽ پڇڙيءَ وارن (Lower Riparian) جي مرضيءَ ۽ قانوني اجازت توڙي رضامنديءَ يا معاهدي ڪانسواءِ مٿين حصيدار کي درياهہ تي بند ٻڌڻ، پاڻي ڪٽڻ يا ڪوبہ ايريگيشن جو منصوبو جوڙڻ جو اختيار نہ هوندو آهي؛ پر پنجاب انگريز راڄ کان وٺي ان مڃيل عالمي اُصول جي سراسر ڀڃڪڙي ڪندو رهيو آهي. تاريخ جي هڪ حقيقت اِها بہ آهي، تہ پنجاب انگريز سامراڄ جو منظورِ نظر صوبو بڻيل هو. ڇاڪاڻ تہ پنجاب هميشہ انگريزن جو ساٿ ڏنو هو. جڏهن تہ سنڌ ان جي مقابلي ۾ هڪ نظرانداز ٿيل ۽ ديوار سان لڳل علائقو هو. جنهن کي انگريزن بمبئي سرڪار سان ملائي رڳو هڪ ڊويزن تائين محدود ڪري ڇڏيو هو. پر ان باوجود اڄوڪي پاڪستان جي ڀيٽ ۾ سنڌ کي انگريز راڄ ۾ وري بہ پاڻيءَ جو جائز حصو ملندو رهيو. ۽ سنڌ انڊس بيسن درياهن يعني سنڌو، جهلم، چناب، راوي، بياض ۽ ستلج جي پاڻيءَ ۾، پڇڙيءَ واري ڌر جي حيثيت ۾ حصيدار هئي. پر پنجاب جي



اختيارين برطانوي راڄ ۾ پنهنجي مراعت يافتہ حيثيت جو فائدو وٺندي، انڊس بيسن درياهن تي ناجائز طور ڊيم ۽ ڪئنال ٺاهڻ جو سلسلو شروع ڪري ڇڏيو. جنهن جو ثبوت 1855ع کان 1901ع جي وچ ۾ تعمير ڪيل سرهند ڪئنال، لوئر چناب ڪئنال ۽ لوئر جهلم ڪئنال آهن. ساڳيءَ طرح 1908ع ۾ پهاڙپور ڪئنال ۽ 1917ع ۾ اپر سوات ڪئنال تعمير ڪيا ويا، جيڪي سراسر ناجائز ۽ غير قانوني هئا. 1915ع ۾ پنجاب جي اختيارين ٽہ-ڪئنالي منصوبو شروع ڪيو. جنهن تحت ناجائز طور جهلم ڪئنال، چناب ڪئنال ۽ لوئر باري ڪئنال تعمير ڪيا ويا؛ پر جڏهن پنجاب طرفان پاڻيءَ تي گڏيل حقن جي احترام جون سموريون حدون لتاڙيندي، 1919ع ۾ جڏهن ستلج ويلي منصوبي جي غير قانوني تعمير شروع ڪئي وئي، جن ۾ يارنهن ڪئنال ۽ چار ٻيا آبپاشيءَ جا منصوبا شامل هئا، تڏهن وڃي برطانوي حڪومت پڻ ان جو نوٽيس ورتو ۽ ايئن اها دانهن مرڪزي سرڪار ڏانهن وئي ۽ انگريز سرڪار طرفان "ڪاٽن ڪميشن" جو قيام عمل ۾ آيو ۽ ان ڪميٽيءَ پنجاب جي ان فيصلي کي رد ڪيو. تہ ڪو پنجاب پڇڙيءَ واري ڌر يعني سنڌ جي مرضيءَ کانسواءِ انڊس بيسن درياهن تي ڪي بہ بند يا ڪئنال تعمير ڪري سگهي ٿو. جڏهن پنجاب طرفان اها اُرهہ زورائي بند نہ ٿي، تہ 1935ع ۾ هڪ ڀيرو وري انگريز سرڪار طرفان "اينڊرسن ڪميٽي" جوڙي وئي، جنهن ۾ پنجاب جو اهو اعتراض پڻ شامل ڪيو ويو. تہ سنڌ کي سکر بئراج ٺاهڻ جو ڪوبہ اختيار نہ آهي. ڪميٽيءَ 30 مارچ 1935ع ۾ پنهنجي رپورٽ جاري ڪئي؛ پر ان رپورٽ جي بنياد تي حڪومت پاران حتمي رپورٽ ٽيهين مارچ 1937ع تي جاري ڪئي وئي؛ ۽ فيصلا ٻُڌايا ويا. پنجاب هڪ ڏينهن لاءِ بہ بس نہ ڪئي؛ ۽ ان پنهنجا ناجائز آبپاشيءَ جا منصوبا جوڙڻ جو سلسلو جاري رکيو. پاڪستان جي حڪمرانن جي ڀيٽ ۾ انگريز سامراڄ جي حڪومت نسبتاً انصاف پسند هئي، جنهن پنجاب

جي مراعت يافته حيثيت جي باوجود هميشه پاڻيءَ جي انصاف پسند ورهاست تي زور ڏنو ۽ پنجاب کي هميشه ان جي پيچڪڙيءَ کان روڪيو. ان جو هڪ مثال 1945ع جو سنڌ طاس معاهدو آهي. اهو معاهدو ڪلڪتي هاءِ ڪورٽ جي تڏهوڪي چيف جسٽس راءِ (جنهن جي نالي سان راءِ ڪميشن قائم ٿي) جي اڳواڻيءَ ۾ ڪيو ويو جنهن کي هندستان جي مرڪزي سرڪار طرفان مقرر ڪيو ويو هو ڇاڪاڻ ته سنڌ هڪ ڀيرو وري 1939ع ۾ انگريز سرڪار وٽ دانهن ڪئي ته بکرا ڊيم جي نالي ۾ پنجاب سنڌ جو پاڻي چورائڻ جو ارادو رکي ٿو. راءِ ڪميشن واضح طور پنجاب جي ان موقف کي مڪمل طور رد ڪيو ته ڪو پنجاب کي گڏيل پاڻيءَ تي پيچڙيءَ واري ڌر يعني سنڌ جي مرضيءَ کانسواءِ آبپاشيءَ جا ڪي به منصوبا جوڙڻ جو اختيار آهي. راءِ ڪميشن جي سفارشن ۽ فيصلي جي نتيجي ۾ 1945ع ۾ سنڌ- طاس پاڻي معاهدو عمل ۾ آيو جنهن تي سنڌ ۽ پنجاب جي اختيارين صحيحون ڪيون. پر الميو اهو آهي، ته پنجاب ان ڪانپوءِ به پنهنجي اڳوڻي پاڻيءَ جي ڦُرلٽ جي روش کي نه روڪيو. ۽ پنجاب پنهنجي هَٺ، هوڏ ۽ ڦُرلٽ کي مختلف منصوبن جي صورت ۾ جاري رکيو.

پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ جڏهن پاڪستان پاران ڀارت سان "انڊس بيسن ٽريٽي" نالي معاهدو ڪيو ته ان وقت ملڪ ۾ ون يونٽ هو. ۽ سنڌ کان قومي ته ڇا! پر صوبائي حيثيت به کسي وئي هئي. ۽ سنڌ کي ان نام نهاد معاهدي جي سمورن مرحلن ۽ معاملن ۾ شامل نه ڪيو ويو ۽ پنجاب گڏيل پاڻيءَ وارا ٽي درياهه ڀارت کي وڪڻي ڇڏيا، جن تي انگريز دور کان وٺي سنڌ جو قانوني حق مڃيل هو. تربيلا ۽ منگلا ڊيم ڀيري به اهو ٿي ٿيو. ۽ نه رڳو سنڌ کي ان مان گهربل حصو ڪڏهن به نه مليو. پر سنڌ جي زراعت، تمر جي قيمتي ۽ ناياب ٻيلن ۽ ڪچي جي سموري زندگيءَ کي ڪاپاري ڌڪ لڳو.



[1]"پاڻيءَ جو تڪرار سنڌ ۽ پنجاب وچ ۾ تمام پراڻو آهي، ان جو سادو مثال هيءُ آهي، ته هن وقت تائين ان حوالي سان ڇهه ڪميشن جُڙي چڪا آهن، جن اهو تڪرار حل ڪرڻ لاءِ سفارشون ترتيب ڏنيون. پر تڪرار پنهنجي جاءِ تي اڄ تائين نه رڳو جيئن جو تيئن موجود آهي. پر ڏينهون ڏينهن وڌي ۽ تيز ٿي رهيو آهي. 1935ع ۾ "اينڊرسن ڪميشن" جوڙي وئي، 1941ع ۾ "انڊس رائو ڪميشن" جڙي، 1968ع ۾ "اختر حسين ڪميشن" ٺاهي وئي، 1970ع ۾ "فضل اڪبر ڪميشن" ترتيب ڏني وئي، 1981ع ۾ "انوارالحق ڪميشن" جو قيام عمل ۾ آيو 1983ع ۾ "حليمان ڪميشن" ٺهي. پر پاڪستان ۾ صوبن ۾ خاص طور تي سنڌ ۽ پنجاب وچ ۾ پاڻيءَ جو تڪرار حل نه ٿيو. 1991ع جي پاڻي معاهدي جي نتيجي ۾ انڊس رِور سسٽم اٿارٽيءَ يعني "ارسا" جو قيام به ان ڪري عمل ۾ آندو ويو هو ته اها اٿارٽي پاڻيءَ جي ٺاهه موجب پاڻيءَ جي صحيح ورڇ کي يقيني بڻائي تڪرار کي حل ڪرڻ ۾ ڪردار ادا ڪنديءَ پر ان جي اُبتڙ نه رڳو پاڻيءَ جي ورڇ انصاف جي تقاضائن موجب نه ڪري سگهي. پر واپڊا جيان اها به پنجاب حڪومت جي هٿن ۾ ڪيڏندي رهي ۽ بدستور ڪيڏندي رهي ٿي."

اڄڪلهه ڇيو وڃي ٿو ته 1991ع جي پاڻي معاهدي تي عمل ڪيو وڃي. حقيقت اِها آهي ته:

[1] جامي چانڊيو، تبديليءَ جا محرڪ ۽ سنڌ جو آئيندو"، سهيڙ: منير چانڊيو سينٽر فار پيس اينڊ سول سوسائٽي حيدرآباد، 2007، ص: 107-106)

[2] ”خود 1991ع جو پاڻي معاهدو بہ ڄام صادق جي غير نمائندا حڪومت معرفت سنڌ تي زوريءَ مڙهيو ويو هو. سنڌ جي ماهرن ۽ عوام توڙي سياسي پارٽين ان وقت جيڪا ان جي سخت مخالفت ڪئي هئي، ان جو سمورو رڪارڊ اڄ بہ موجود آهي؛ پر هاڻي پنجاب حڪومت توڙي وفاق ان تي بہ عمل ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي. مثال طور 1991ع جي پاڻي معاهدي موجب جيستائين ڪوٽڙيءَ کان هيٺ پاڻي ڇڏڻ جو معاملو طئي نٿو ٿئي، تيسين پاڻيءَ جي ورڇ سان وابستہ ڪوبہ منصوبو انڊس تي ٺاهي نٿو سگهجي؛ پر ان جي باوجود هڪ طرف 1991ع کان وٺي معاهدي موجب ڪوٽڙيءَ کان هيٺ ڇڏڻ بابت ڪابہ اسٽڊي نہ ڪرائي وئي آهي؛ ۽ نہ ئي وري طئي ٿيل پاڻي ڇڏيو ويو آهي، جنهن جي ڪابہ قانوني حيثيت نہ آهي. نتيجي ۾ ڪوٽڙيءَ کان هيٺ پاڻي نہ ڇڏڻ ڪري سمنڊ جي چاڙهہ سبب سنڌ جا ٻہ ضلعا بدين ۽ ٺٽو لکين ايڪڙ آباديءَ لائق زمين ڪاري ٿي نہ رڳو آباديءَ لائق نہ رهي آهي؛ پر ماحولياتي گدلاڻ پيدا ڪرڻ جو سبب بہ بڻجي وئي آهي. نہ رڳو اهو پر ڪوٽڙيءَ کان هيٺ پاڻي نہ ڇڏڻ سبب سنڌ جي اوڻيهہ لک ايڪڙ زمين تي مشتمل ڪچو تباهہ ٿي رهيو آهي. خود انڊس ڊيلٽا ۾ جيڪي تمر جا ٻيلا آهن، اهي بريءَ طرح مسلسل تباهہ ٿي رهيا آهن. چيو وڃي ٿو تہ اهي دنيا جا ڇهون نمبر وڏا ٻيلا آهن، جيڪي 650,000 ايڪڙن تي مشتمل آهن. 1991ع ۾ IUCN پڻ ان ڏس ۾ اپياس ڪري هڪ رپورٽ پڌري ڪئي هئي، تہ انڊس ڊيلٽا جو بچڻ ۽ وڌڻ

[2] جامي چانڊيو، تبديليءَ جا محرڪ ۽ سنڌ جو آئيندو“، سهيڙ: منير چانڊيو، سينٽر فار پيس اينڊ سول سوسائٽي حيدرآباد، 2007: 109_107)



سنڌ جي ماحوليات، معيشت ۽ ترقيءَ لاءِ بيحد ضروري آهي. گذريل ڏهن سالن کان ڪوٽڙيءَ کان هيٺ پاڻي نہ وڃڻ سبب اهي ٻيلا مسلسل تباهہ ٿي رهيا آهن؛ ۽ صورتحال بدستور ايئن رهي تہ ڪجهہ سالن اندر دنيا جو اهو ڇهون نمبر وڏو قديم ڊيلٽا مڪمل طور تباهہ ٿي ويندو، جنهن جو وڏو حصو اڳ ئي پاڻيءَ جي کوٽ، سمنڊ جي چاڙهہ ۽ سمنڊ ڏانهن مٺي پاڻيءَ جي رسد بند ٿيڻ سبب تباهہ ٿي چڪو آهي. سنڌو درياهہ جي ٻنهي پاسي ڪچي ۾ سراسري اوڻيهہ لک ايڪڙ زمين آهي، جنهن مان ڇهہ لک ايڪڙ گهاٽن ٻيلن تي مشتمل رهي آهي؛ ۽ باقي حصو تمام زرخيز زمينن ۽ چراگاهن تي مبني رهيو آهي، جيڪو پڻ هاڻي تيزيءَ سان تباهيءَ ڏانهن وڌي رهيو آهي. انهن زمينن، ٻيلن ۽ چراگاهن جي زندگيءَ جو انحصار سنڌوءَ جي سيلابن تي رهيو آهي. جيترو پاڻي گهٽ ايندو ايترو ئي اهي علائقا سال جا ٽي مهينا يعني جولاءِ، آگسٽ ۽ سيپٽمبر پاڻيءَ هيٺ هوندا آهن، انهن کي اها قدرتي نمي ۽ طاقت ميسر نہ ٿيندي. اهو بہ ياد رکڻ گهرجي تہ ڀاڄين، دالين، ڪاٺ ۽ چوپائي مال جي حوالي سان بہ اهي عنصر تمام وڏي معاشي سگهہ رکن ٿا؛ ۽ لکين ٻيڙين لک ماڻهن جي گذر سفر جو ذريعو پڻ آهن. اڳتي هلي سنڌوءَ جو اهو پاڻي جتي عربي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪري ٿو، اتي ڇهہ لک پنجاهہ هزار ايڪڙن جو گهاٽو سامونڊي تمر جو ٻيلو هو، جيڪو هاڻي چيو وڃي ٿو تہ هڪ لک ايڪڙ تائين وڃي بچيو آهي. هن ٻيلي جو ماحولياتي ۽ معاشي مُلهہ تمام گهڻو آهي، جو مڇيءَ، جهينگن ۽ پلي جي جڻ تہ اهو نرسري آهي. ان کانسواءِ سنڌ جي ڏکڻ جي عام جانور خاص طور اُٺن جو وڏو چراگاهہ پڻ آهي؛ ۽ اتان جي ماڻهن جي لاءِ ٻارڻ جو وڏو ذريعو آهي. هن پوري علائقي ۾ تقريبن ويهہ لک ماڻهن

> جو گذر سفر ساموندي ۽ مٺي پاڻيءَ جي مڇيءَ، ڪاٺ، چوپائي مال ۽ ٻارڻ تي آهي، هاڻي اهي سڀ املھ وسيلا پاڻيءَ جي کوٽ سبب تباھ ٿي رهيا آهن.“

پاڻي تڪرار ملڪ جي وفاق لاءِ مستقل خطرو ۽ سنڌ لاءِ زندگيءَ ۽ موت جو مسئلو آهي. ملڪ ۾ ايوب خان جي حڪومت هجي يا شهيد ڀُٽي جي، ضياءُ الحق جي هجي يا نواز شريف جي، پرويز مشرف جي هجي يا پ پ پ جي؛ پر ڪابہ حڪومت ملڪ ۾ اڃا تائين پاڻيءَ جي ورهاست جو نبيرو عالمي قانونن ۽ انصاف جي بنياد تي نہ ڪري سگهي آهي؛ ۽ نہ وري موجوده رياستي ڍانچي ۾ طاقت جي توازن ۾ ڪري سگهي ٿي، ڇو تہ ملڪ جو اصل اختيار ڏٽي حڪمران طبقو ۽ اسٽيبلشمينٽ پنجاب سان تعلق رکن ٿا. اڄ بہ ناجائز طور تعمير ٿيندڙ گريٽر ٿل ڪئنال جي اڏاوت ڏينهن رات هلندڙ آهي ۽ واپڊا جي وِزن 2025ع موجب آبپاشيءَ جون اُهي سموريون رٿائون هلندڙ آهن؛ ۽ ٻين لاءِ سانباها ٿي رهيا آهن، جن کي پڇڙيءَ واريءَ ڌر جي حيثيت ۾ سنڌ رد ڪري چڪي آهي. سوال آهي تہ جنهن نام نهاد صوبائي خودمختياريءَ ۾ سنڌ کي پنهنجي پاڻيءَ جو جائز حصو نہ ملي سگهي! ۽ پنجاب طرفان پاڻيءَ تي ڌاڙن کي ڏيڍ صدي گذرڻ ڪانپوءِ بہ ڪو روڪي نہ سگهي! تہ پوءِ اُها نام نهاد خودمختياري ڪهڙي ۽ ڪنهن جي ڪم جي هوندي؟

سنڌ کي اُها قومي خودمختياري هجي، جنهن ۾ سنڌ کي اختيار هجي، تہ اُها نہ رڳو پنهنجي پاڻيءَ جو جائز حصو وٺي سگهي؛ پر پنجاب جي ڏيڍ صديءَ کان هلندڙ ڦورو روش کي پڻ ٻنجو ڏئي سگهي.

## ثقافتي خودمختياري:

قومن جي قومي اڏاوت، اوُسر ۽ ترقي رڳو سياسي ۽ معاشي ذريعن سان نہ؛ پر ترقي پسند ثقافتي سگهه ۽ ذريعن سان پڻ ٿيندي آهي.



پاڪستان ۾ جيئن سياسي ۽ معاشي معاملن تي پنجاب جي حڪمران طبقي جي هڪ هٽي رهي آهي، تيئن پاڪستان ۾ ثقافتي تسلط اردو ٻوليءَ ۽ اُن جي نام نهاد قومي ڪلچر جو رهيو آهي. پاڪستان هڪ گهڻ ثقافتي، گهڻ نسلي ۽ گهڻ لساني ملڪ آهي، جتي تاريخي قومن جي پنهنجي پنهنجي سڃاڻپ، وطني حيثيت، ٻولي، ثقافت، ادب ۽ شاعريءَ جون مختلف ۽ منفرد روايتون رهيون آهن. پاڪستان جي قيام کان وٺي اڄ تائين ملڪ جي سمورين قومن تي هڪ مراعت يافتہ ۽ اوپري ثقافتي اقليت يعني اردو ڳالهائيندڙ آباديءَ جي ٻوليءَ ۽ هندستاني ڪلچر کي پاڪستاني ڪلچر ۽ ثقافتي وحدت جي علامت طور اُڀارڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وئي آهي. ان ثقافتي ٻي واجبيءَ ۽ ڏاڍ ملڪ ۾ سياست، معيشت ۽ رياست جي ٻين شعبن جيان ثقافت کي بہ بيحد تڪراري بڻائي ڇڏيو آهي. اوير پاڪستان جي علحدگيءَ جي تحريڪ جي اؤسر جي بنيادن ۾ هڪ سبب اهو بہ شامل هو جو بنگال جهڙي ثقافتي طور امير ۽ تاريخي قوم کي اردوءَ جي ثقافتي هڪ هٽي ڪنهن طور بہ قبول نہ هئي. بنگال کان علاوه سنڌين پڻ ون يونٽ جي دؤر کان وٺي اڄ تائين ان ثقافتي ڏاڍ جي مسلسل مزاحمت پئي ڪئي آهي، جيڪا اڄ تائين جاري آهي؛ پر رياست اڌ ملڪ وڃائڻ کان پوءِ بہ تاريخ جي معروضي حقيقتن منجهان ڪوبہ سبق سکڻ لاءِ تيار ناهي. پاڪستان ۾ صوبائي خودمختياري فقط اُن صورت ۾ صحيح معنيٰ ۾ صوبن جي خودمختياري ليکي ويندي، جڏهن اتي وسندڙ تاريخي قومن جي ٻولين ۽ ثقافتن کي قومي درجو ڏنو ويندو؛ ۽ اُن کي آئيني تحفظ فراهم ڪيو ويندو. جيستائين صوبا پنهنجون قومي، ثقافتي ۽ لساني توڙي تعليمي پاليسيون ٺاهڻ لاءِ خودمختيار ۽ آزاد نہ هوندا، تيستائين فقط ڏيکاءَ خاطر نام نهاد صوبائي خودمختياري ملڪ جي مظلوم قومن سان هڪ وڏيڪ سنگين مذاق کان سواءِ ڪنهن بہ حيثيت جي حامل نہ هوندي.

پاڪستان جي وفاق، قومي/ صوبائي خودمختياريءَ ۽ قومي سوال جي هن مٿي بحث هيٺ آندل سموري نقطءِ نظر جو تَتُ هيءُ آهي، ته جيستائين پاڪستان جي بنيادي ڍانچي، طاقت جي توازن ۽ مفادن جي تاڃي پيٽي ۾ تبديلي آڻي، صوبن ۾ وسندڙ تاريخي قومن کي ٺلهو صوبائي نه پر قومي خودمختياري ڏئي، ملڪ جي خالق قومن وچ ۾ هڪ نئين سماجي معاهدي جي بنياد تي هڪ اهڙي حقيقي جمهوري وفاق جو بنياد نه ٿو رکيو وڃي، جنهن جو بنياد 1940ع جي ٺهراءَ تي هجي، تيستائين پيون سموريون صوبائي خودمختياريءَ بابت ڏيکاءَ واريون ناٽڪي ڪوششون ملڪ جي گهڻ-طرفي رياستي بحران کي ويتر سنگين ته ڪري سگهن ٿيون پر اُن جو ڪو انصاف پريو ۽ جٽادار نبيرو نٿيون ڪري سگهن.



## سنڌي عوام جا قومي مطالبا

- جيتوڻيڪ 1940ع جي معاهدي ۾ اتفاقِ راءِ وارو پاڪستان ته معرضِ وجود ۾ ئي اچي نه سگهيو، پر 1971ع ۾ اوڀرپاڪستان يعني بنگال جي علحدگيءَ کان پوءِ، موجوده پاڪستان پنهنجو استحقاق وڃائي ويٺو آهي. 1971ع کانپوءِ جو پاڪستان عملي طور اُهو پاڪستان آهي، جنهن جو تصور علامه اقبال 1930ع ۾ الهه آباد ۾ پيش ڪيو هو، ۽ جنهن کي رد ڪيو ويو هو. سنڌ فقط اُن پاڪستان ۾ رهڻ لاءِ پابند آهي، جنهن جو بنياد 1940ع جي ٺهراءَ ۽ 2 مارچ 1943ع ۾ پاڪستان جي حق ۾ سنڌ اسيمبليءَ پاران پاس ڪيل ٺهراءَ تي هجي. ان ڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته پاڪستان ۾ وفاقي ايڪن/ قومن جي وچ ۾ هڪ نئون سماجي معاهدو ڪيو وڃي، جنهن جو بنياد 1940ع جي ٺهراءَ ۽ جمهوري وفاق جي جديد عالمي تقاضائن تي هجي.
- پاڪستان جو غير سيڪيولر نالو تبديل ڪري ”عوامي جمهوريه پاڪستان“ رکيو وڃي.
- 1973ع جو آئين قومن جي وجود کان انڪار- غير سيڪيولر مزاج، مسلسل غير جمهوري مداخلت ۽ آئين کان مٿانهين ترميمن توڙي مرڪزيت پسنديءَ سبب پنهنجي اهميت ۽ افاديت مڪمل طور وڃائي چڪو آهي. ان ڪري موجوده آئين ملڪ ۾ موجود سنگين سياسي ۽ معاشي بحرانن کي حل ڪرڻ جي اهل نه رهيو آهي. ان ڪري 1973ع جي آئين مان سموريون غير جمهوري ترميمون ختم ڪري، ان کي فقط عبوري آئين جي حيثيت ڏئي، هڪ نئين آئين ساز اسيمبليءَ معرفت هڪ نئون آئين جوڙيو وڃي، جنهن جو بنياد 1940ع جي لاهور واري ٺهراءَ کي بڻايو وڃي. اهو نئون آئين پاڪستان جي چئني صوبن ۽ انهن ۾ وسندڙ اصلوڪين قومن وچ ۾ هڪ نئين ”سماجي معاهدي“ جو ڪم ڏئي سگهي

ٿو جنهن ۾ قومن جي تاريخي حيثيت ۽ سندن تاريخي سياسي، معاشي، ثقافتي ۽ ٻين قومي حقن کي مڪمل طور تسليم ڪيو وڃي.

• صوبن ۾ وزير اعليٰ بدران دنيا جي مختلف وفاقي رياستن وانگر وزيراعظم جا عهدا رکيا وڃن، ڇاڪاڻ تہ خود ننڍي کنڊ ۾ برطانوي راڄ اندر پڻ صوبن ۾ وزيراعليٰ بدران وزيراعظم جا منصب هوندا هئا.

• وفاقي جهنڊي کان علاوه هر صوبي کي پنهنجي ڌار جهنڊي رکڻ جو آئيني اختيار ڏنو وڃي، جيئن آمريڪا ۽ جرمنيءَ سميت دنيا جي ڪيترن ئي وفاقي ملڪن ۾ اها هڪ مروج روايت آهي.

• عبوري آئين مان ڪنڪرنٽ لسٽ کي ختم ڪري، وفاق کي فقط چار کاتا يعني پرڏيهي پاليسي، دفاع، ڪرنسي ۽ بين الصوبائي مواصلات ڏنا وڃن. جڏهن تہ سيلز ٽيڪس سميت باقي سمورا صوبائي ٽيڪس ۽ کاتا صوبن کي واپس موٽايا وڃن.

• وفاقي سطح تي 1940ع مطابق نئين آئين جي تقدس جي تحفظ لاءِ آمريڪا، ڪينيڊا، جرمني، آسٽريليا ۽ ٻين گهڻن وفاقي ملڪن وانگر هڪ آئيني ڪورٽ قائم ڪئي وڃي، جنهن جي ذمي آئين جي تحفظ سميت قومن/ صوبن وچ ۾ باهمي جمهوري لاڳاپن ۽ اختيارن توڙي وسيلن جي ورڇ کي توازن ۾ رکڻ بہ شامل هجي.

• صوبن اندر وسندڙ تاريخي قومن جي دائمي اڪثريتي حيثيت کي تسليم ڪري ان جو پنهنجي تاريخي وطن تي مستقل حقِ حاڪميت تسليم ڪيو وڃي ۽ ان جي مستقل تحفظ لاءِ ان کي آئيني ضمانت ڏني وڃي.

• صوبا رڳو انتظامي يونٽ نہ بلڪ لاڳاپيل اصلوڪن رهواسين ۽ قومن جا تاريخي وطن آهن، ان ڪري رياست کي ڪوبہ اخلاقي ۽ آئيني اختيار ڪونهي تہ اها اصل ڌرتي ڌڻين جي مرضيءَ ۽ سندن تاريخي حقن جي خلاف صوبن جون جاگرافيائي حدون تبديل ڪري ملڪ ۾



گهڻن صوبن جي قيام جي ڳالهہ ڪري. سنڌي عوام سنڌ جي ورهاڱي جي ڪنهن بہ سازش کي ڪنهن بہ نالي ۽ جواز تحت نہ تہ قبول ڪندو ۽ نہ ان کي ڪنهن بہ قيمت تي ڪامياب ٿيڻ ڏيندو.

• سنڌ ۾ 1954ع کانپوءِ آيل ڌارين کان ووٽ ۽ سنڌ ۾ ملڪيت خريد ڪرڻ جو حق کسيو وڃي؛ ۽ سنڌ ۾ غير قانوني طور رهندڙ پنجٽيهہ لک پرڏيهين کي سندن ملڪن ڏانهن واپس اُماڻڻ جو بندوبست ڪيو وڃي. سندن پنهنجن ملڪن ڏانهن واپسيءَ تائين سنڌ ۾ رهندڙ سمورن غير قانوني پرڏيهين جي مڪمل رجسٽريشن ڪئي وڃي؛ ۽ کين ڪي بہ سياسي ۽ آئيني حق نہ ڏنا وڃن.

• پاڪستان جا وفاقي ادارا ڪنهن طور بہ وفاقي سڏائڻ جا حقدار نہ آهن، ڇاڪاڻ تہ انهن تي پنجاب ۽ هڪ لساني ٽولي جي هڪ هٽي رهي آهي. ان ڪري سمورن وفاقي ادارن ۽ سول بيوروڪريسيءَ ۾ سمورن صوبن ۽ انهن ۾ وسندڙ تاريخي قومن جي عوام کي ميرٽ جي بنياد تي برابر نمائندگي ڏني وڃي.

• عوامي معاملن توڙي سياست ۾ فوج جو ڪوبہ ڪردار نہ هئڻ گهرجي. فوج جي تعداد ۾ گهٽتائي آڻي، پاڪستان جي فوج کي حقيقي معنيٰ ۾ وفاقي فوج بڻائڻ لاءِ سمورن صوبن ۽ انهن ۾ وسندڙ تاريخي قومن کي برابر نمائندگي ڏني وڃي.

• پاڪستان جي دفاعي بجيٽ نہ تہ شفاف طريقي سان طئي ٿي ۽ نہ خرچ. ان ڪري لازمي طور اها بجيٽ پارليامينٽ جي هيٺئين توڙي مٿئين هائوس ۾ بحث لاءِ پيش ٿيڻ گهرجي؛ ۽ چئني صوبائي اسيمبلين جي گڏيل منظوريءَ کانپوءِ ئي دفاعي بجيٽ کي پاس ڪيو وڃي.

• پاڪستان ۾ حقيقي جمهوري وفاق ڪڏهن بہ نہ رهيو آهي؛ پر خاص طور تي اوڀر پاڪستان جي علحدگيءَ کانپوءِ پاڪستاني وفاق سخت عدم توازن جو شڪار رهيو آهي. هڪ بالادست صوبي کي پارليامينٽ ۾ باقي ٽنهي صوبن تي عددي ۽ سياسي برتري حاصل آهي ۽ اهو صوبو

اهڙي اڪثريت جي آڌار سمورن رياستي معاملن ۾ پنهنجي هڪ هٽيءَ ۽ مرضيءَ جو مالڪ آهي. اختيارن جي اهڙي مرڪزيت پاڪستان ۾ صوبائي ۽ قومي تڪرارن جو اصل بنياد آهي. ان لاءِ لازمي آهي تہ سمورن صوبن کي سينيٽ ۾ هڪ جيتري نمائندگي ڏني وڃي ۽ سندن هڪ جيتري حيثيت کي قبول ڪيو وڃي، پر ان لاءِ لازمي آهي تہ هر صوبي مان سينيٽ ۾ نمائندگيءَ لاءِ گهٽ ۾ گهٽ 2/3 اڪثريت صوبي جي مقامي ۽ اصلوڪن رهواسين منجهان هجي.

- قومن جي نمائنده سينيٽ کي اهي اختيار هئڻ گهرجن، تہ اها بجيٽ، دفاعي خرچن ۽ مانيٽري بلن کي پاس يا ويٽو ڪري سگهي. گڏوگڏ ٻاهرين ملڪن سان ٿيندڙ معاشي ۽ سفارتي معاهدن جي چڪاس توڙي حتمي منظوري پڻ سينيٽ وٽان ٿيڻ گهرجي.
- وفاقي سطح تي ٿيندڙ سمورين مقررين جي توسيع سينيٽ کان ٿيڻ گهرجي. جنهن ۾ سپريم ڪورٽ جا جج صاحبان، چيف اليڪشن ڪمشنر، فيڊرل پبلڪ سروس ڪميشن جا ميمبر، سفير، خودمختيار ادارن ۽ ڪوآپريشنز جا سربراهہ، گورنر ۽ هٿياربند فوجن جا سربراهہ اچي وڃن ٿا.
- ڪائونسل آف ڪامن انٽريسٽ چئني وفاقي آئيني اڪائين جي حقيقي نمائنده هئڻ گهرجي، جيڪا مستقل بنيادن تي اجلاسن جي صورت ۾ صوبن وچ ۾ جمهوري رابطن جي بحالي ۽ تڪرارن جي حل وارو ڪردار ادا ڪندي رهي.
- سنڌ ۾ آرمي ۽ بيوروڪريسيءَ کي ڏنل سموري زمين ڪائڻ واپس وٺي بي زمين هارين کي ڏني وڃي.
- موجوده ضلعي نظام، صوبائي خودمختياريءَ کي اورانگهيندڙ ۽ حد کان وڌيڪ مرڪزيت پسنديءَ وارو آهي. ان ڪري موجوده ضلعي نظام کي ختم ڪري، صوبن جي پنهنجي اصلوڪي ميونسپل انتظام کي اصل روح ۾ ڪجهہ وڌيڪ جمهوري ترميمن سان بحال ۽ فعال ڪيو وڃي.



- گورنر جو عهدو ختم ڪيو وڃي يا ان جا آئيني اختيار گهٽايا وڃن. (خاص طور تي صوبائي حڪومت يا اسيمبلين کي ختم ڪرڻ وارو اختيار)
- صوبائي بورڊ آف روينيو کي قائم رکي وفاقي بورڊ آف روينيو کي ختم ڪيو وڃي.
- پاڻي تڪرار پاڪستان ۾ مُک تڪرار جي صورت اختيار ڪري چڪو آهي. سنڌ سنڌو درياهہ جي پڇڙيءَ ۾ آهي؛ ۽ ان ڪري ان جي پاڻيءَ جي وڏي ۾ وڏي حقدار ۽ حصيدار آهي. پاڪستان جي آئين توڙي عالمي قائدن قانونن موجب پڇڙيءَ وارن جو درياهہ تي اولين ۽ آخري حق تسليم ٿيل آهي. سنڌ کي سنڌو درياهہ تي وڌيڪ ڪنهن بئراج، ڊيم يا ڪئنال وغيره منظور نہ آهن؛ ۽ پڇڙيءَ واري ڌر جي حيثيت ۾ اهو سنڌ جو آئيني ۽ تاريخي حق آهي. ان ڪري گريٽر ٿل ڪئنال جي غير قانوني هلندڙ تعمير فوري طور روڪي وڃي؛ ۽ سنڌو درياهہ تي سنڌ کان مٿي ڪوبہ وڏو ڊيم، ڪئنال يا بئراج قائم نہ ڪيو وڃي. مشرف طرفان بدنيتيءَ تحت جوڙيل واپڊا جو نام نهاد Vision 2025 سنڌو درياهہ جو قاتل منصوبو هميشہ لاءِ ختم ڪيو وڃي.
- واپڊا کي ختم ڪري پاڻيءَ ۽ بجليءَ جا کاتا ۽ ذميواريون مڪمل طور صوبن حوالي ڪيون وڃن.
- سمورن صوبن ۾ پاڻيءَ جي منصفاڻي ورڇ کي 1945ع جي سنڌ طاس معاهدي تحت عمل هيٺ آندو وڃي.
- قدرتي وسيلن جا سمورا اختيار مڪمل طور صوبن حوالي ڪيا وڃن؛ ۽ جتان بہ تيل، گئس ۽ ڪوئلو يا ٻي معدنيات نڪري ان جي فقط 25 سيڪڙو رائلٽي وفاق، 25 سيڪڙو لاڳاپيل ضلعي ۽ 50 سيڪڙو ان صوبي کي ڏني وڃي. جتان بہ تيل نڪري ان جي ليز جا اختيار ان صوبي کي ئي هئڻ گهرجن.

- پاڪستان جي سمورين اصلوڪين ٻولين پنجابي، سنڌي، پشتو بلوچي، سرائيڪي، هندڪو ۽ ٻين کي قومي ٻولين جو درجو ڏنو وڃي. اردو ۽ انگريزيءَ جو درجو صوبن وچ ۾ رابطي وارين ٻولين وارو هئڻ گهرجي.
- صوبن کي اهو اختيار هئڻ گهرجي ته اهي پنهنجي ٻوليءَ ۾ تعليم بابت پنهنجي تاريخي، قومي، سماجي ۽ ثقافتي ترجيح موجب پاليسيون ٺاهي سگهن.
- ڪينيڊا جيان صوبن ۽ ان ۾ وسندڙ تاريخي قومن کي وفاقي معاهدن جي ڀڃڪڙيءَ جي صورت ۾ وفاق کان علحدگيءَ جو رضاڪارانه جمهوري حق ڏنو وڃي.



## Bibliography:

### Books


1. Adeney, Katharine. *Federalism and Ethnic Conflict Regulation in India and Pakistan.* New York: Palgrave MacMillan, 2007.
2. Ali, Mehrunnisa. *Politics of Federalism in Pakistan.* Karachi: Royal Book Company, 1996.
3. Amoretti, Ugo and Nancy Bermeo, eds. *Federalism and Territorial Cleavages*. Baltimore: Johns Hopkins, 2004.
4. Aziz, K.K. *The Making of Pakistan: A Study in Nationalism.* Lahore: Sand-E-Meel, 2005.
5. Cheema, Pervaiz Iqbal and Rashid Ahmad Khan, eds. *Problems of Federalism in Pakistan*. Islamabad: Islamabad Policy Research Institute, 2006.
6. Cohen, Stephen Philip. *The Idea of Pakistan*. Washington D.C.: Brookings, 2004.
7. Joyo, Mohammed Ibrahim. *Save Sindh, Save the Continent*. Hyderabad: Sindh Democratic Party, 2000.
8. Kazimi, M.R. *Pakistan Studies.* Karachi: Oxford, 2007.
9. Khan, Hamid. *Constitutional and Political History of Pakistan.* Karachi: Oxford, 2005.

## Articles


1. Adeney, Katharine. "Constitutional Centring: Nation Formation and Consociational Federalism in India and Pakistan." *Commonwealth and Comparative Politics* 40, no. 3 (2002): 8-33.

2. Ahmad, Eqbal. "Meanings in the Disaster" *Dawn.* April 17, 1994.

3. Ahmed, Feroz. "Ethnicity, Class and State in Pakistan." *Economic and Political Weekly*, 31, no. 47 (1996): 3050-3053.

4. Ahmed, Dr. Gulfaraz. "Fiscal Federalism: Resource Sharing Issues." Pakistan Institute of Development Economics, February 21, 2007.

5. Ahmed, Iftikhar, Usman Mustafa and Mahmood Khalid. "National Finance Commission Awards in Pakistan: A Historical Perspective." PIDE Working Papers 2007:33, Pakistan Institute of Development Economics, Islamabad, 2007.

6. Cohen, Stephen Philip. "The Nation and the State of Pakistan" The Washington Quarterly 25, no. 3 (2002): 109–122.

7. Haqqani, Husain. "The Role of Islam in Pakistan's Future." The Washington Quarterly 28, no. 1 (2004): 85–96.

8. Hippler, Jochen. "Problems of Democracy and Nation-Building in Pakistan." Nation-Building in Pakistan. http://www.jochen-hippler.de/neu-aufsaetze/Nation-Building-Pakistan.htm

9. Kennedy, Charles H. "Policies of Ethnic Preference in Pakistan." *Asian Survey* 24, No. 6 (Jun., 1984): 688-703.





10. Nazir, Muntzra. *Federalism in Pakistan: Early Years.* Lahore: Pakistan Study Centre, 2008.

11. Palijo, Rasul Bux. *Sindh-Punjab Water Dispute 1859-2003.* Hyderabad: Center for Peace and Human Development, 2003.

12. Syed, G.M. *The Case of Sindh – G.M. Syed's Deposition in Court (Part 1)*. Karachi: Naeen Sindh Academy. http://www.sindhudesh.com/gmsyed/case/saeen-book1.htm

13. Talbot, Ian. *Pakistan: A Modern History*. London: Hurst, 2005.

14. Waseem, Mohammad. *Politics and the State in Pakistan*. Islamabad: National Institute of Historical and Cultural Research, 2007.

15. Ziring, Lawrence. *Pakistan in the Twentieth History: A Political History*. Karachi: Oxford, 2007.

16. Joyo, Mohammed Ibrahim. "*Sindh Muhnje Khawabn Jee.".* Center for Peace & Civil Society, Hyderabad, 2008.

17. Chandio, Jami, *"Dynamics of Change & Future of Sindh*", Center for Peace & Civil Society Hyderabad, 2007.

18. Chandio, Jami, *"Crisis of Federalism and Prospects for Provincial Autonomy in Pakistan"*, 2009.

17. Rahman, Tariq. “Language, Politics and Power in Pakistan: The Case of Sindh and Sindhi” *Ethnic Studies Report*. 17, no. 1 (1999): 21-34.

18. Rizvi, Hasan-Askari. “Democracy in Pakistan.” Paper prepared for the Project on State of Democracy in South Asia as part of the Qualitative Assessment of Democracy, Lokniti (Programme of Comparative Democracy), Centre for the Study of Developing Societies, Delhi.

19. Stepan, Alfred. “Federalism and Democracy: Beyond the U.S. Model” *Journal of Democracy* 10, no. 4 (1999): 19-34.

20. Tellis, Ashley J. “U.S. Strategy: Assisting Pakistan’s Transformation” *The Washington Quarterly* 28, no. 1. (2004): 97–116.

21. Waseem, Mohammad. “Affirmative Action Policies in Pakistan.” *Ethnic Studies Report*, 15, no. 2 (1997): 223-245.

22. Waseem, Mohammad. "Pluralism and Democracy in Pakistan." *International Journal on Multicultural Societies (IJMS)* 5, no. 2 (2003): 172-176.

23. Wilkinson, Steven. “Democratic Consolidation and Failure: Lessons from Bangladesh and Pakistan.” Democratization 7, no. 3 (2000): 203-226.



10. Khan, Adeel. “Pakistan's Sindhi Ethnic Nationalism: Migration, Marginalization, and the Threat of "Indianization"” *Asian Survey* 42, No. 2 (2002): 213-229.

*11.* Kundi, Dr. Mansoor Akbar. “Federalism/Demarcation of Roles for Units in Pakistan.” (Unpublished article)

12. Memon, Dr. Aman. “Provincial Autonomy in Historical Perspective: Case Study of Sindh.” (Unpublished Article)

13. Memon, Rafique-ul-Rehman. “Fiscal Decentralization and Inter-Governmental Transfer Systems: Issue of NFC in Pakistan.” (Unpublished Working Paper)

14. Memon, Naseer. “Oil & Gas Resources and Rights of Provinces.” (Unpublished Working Paper)

15. Naseer, Sajjad. “Federalism and Constitutional Development in Pakistan” Paper presented at an international seminar on "Constitutionalism and Diversity in Nepal" organized by Centre for Nepal and Asian Studies, Kathmandu, Nepal, August 22-24, 2007.

16. Nazir, Muntzra. “The Problems and Issues of Federalism in Pakistan.” *Journal of Pakistan Vision*. 9, no. 1, (2007): 109-128.

10. Proceedings from Workshop for NWFP MPAs on Federal, Provincial and Local Governments: Demarcation of Roles, Issues and Possible Solutions. PILDAT Legislative Capability Building Programme. Hotel Pearl Continental, Peshawar, August 27-28, 2003.

11. Schaffer, Teresa. "Pakistan's Future and U.S. Policy Options." A Report of the CSIS South Asia Program. Center for Strategic and International Studies. March 2004.

12. "The Next Chapter: The United States and Pakistan" A Report of the Pakistan Policy Working Group. September 2008.

13. Ul Haq, Dr. Noor (ed.). "The Indus Waters Treaty (Abridged) September 19, 1960." In *Water Issue in Perspective*. Islamabad Policy Research Institute. http://ipripak.org/factfiles/ff45.shtml

14. Wadhams, Caroline, Brian Katulis, Lawrence Korb, and Colin Cookman. "Partnership for Progress: Advancing a New Strategy for Prosperity and Stability in Pakistan and the Region" Center for America Progress Report. November 2008.



**Reports**

1. Davis, Ralph K. Report for 2003AR57B: Analysis of Water Conflicts in Pakistan and the Middle East - A Comparative Study. U.S. Geological Survey. 2003.

2. Harrison, Selig S. "Pakistan: The State of the Union." Special Report. Center for International Policy. April 2009.

3. International Crisis Group. "Pakistan's Tribal Areas: Appeasing The Militants." Asia Report N°125. December 11, 2006.

4. International Crisis Group. "Pakistan: The Forgotten Conflict in Balochistan." Update Briefing. Asia Briefing N°69. October 22, 2007.

5. International Crisis Group. "Pakistan: The Worsening Conflict in Balochistan" Asia Report N°119. September 14, 2006.

6. Laghari, Munawar. "Sindh Monitor: Plight of Sindhis in Pakistan." United Nations. Council on Human Rights, 10th Session, Geneva, March 2-27, 2009.

7. Markey, Daniel. "Securing Pakistan's Tribal Belt." Council on Foreign Relations – Center for Preventive Action. CSR No. 36, August 2008.

8. Mezzera, Marco and Safiya Aftab. "Pakistan State-Society Analysis." Report from the Democratisation and Transitional Justice Cluster. Initiative for Peacebuilding. January 2009.

9. Nawaz, Shuja. "FATA: A Most Dangerous Place" Center for Strategic and International Studies Report. January 2009.